# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب پهريون)



ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارن لاءِ 'درس لطيف' جو سلسلو

# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب پهريون)

سهيڙيندڙ

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

صلاحڪار

**تاج جويو ۽ سيد شيرشاهه**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

2016ع

ٻاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر 246

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# اسان جو شاهه لطيف (ڪتاب پهريون)


| | |
|---|---|
| سهيڙيندڙ: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| صلاحڪار: | تاج جويو ۽ سيد شير شاهه |
| ڇاپو: | پهريون: 2012ع، ٻيو: 2014ع، ٽيون: 2016ع |
| تعداد: | 2000 |
| قيمت: | =/30 روپيا |

**Catalogue Reference**
Hussain Fahmida, Dr.
Asan Jo Shah Latif
Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-071-5

ASAN JO SHAH LATIF

| | |
|---|---|
| Compiled by: | Dr. Fahmida Hussain |
| Edition: | 1st 2012, 2nd 2014, 3rd 2016 |
| Quantity: | 2000 |
| Price: | Rs. 30 /= |
| Composed by: | Hussain Ahmed & Asadullah Bhutto. |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Sarfraz Rajar Chairman, Sindhi Language Authority<br>National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/s Ali Hussnain & Printing Services, Hyderabad. |

هيءُ ڪتابُ، سرفراز راڄڙ، چيئرمئن سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرز علي حسنين پرنٽنگ سروسز حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن ڪتاب بابت

هن ڪتاب ۾ اسان جي سنڌ جي تمام وڏي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام مان "سر ڏهر"، "سر يمن ڪلياڻ"، "سر بروو سنڌي" ۽ "سر سارنگ" نالي سُرن مان بنيادي اخلاقي قدرن جي حوالي سان بيتن جي چونڊ ڪئي وئي آهي، جن ۾ انسانن ۾ پيار ۽ ڀِڏيءَ، سچي دوستيءَ جي سڃاڻپ ۽ هڪ ٻئي سان سُٺي هلت جي سکيا ڏني وئي آهي. اُن کان سواءِ پنهنجي پياري وطن جي سک، سلامتيءَ ۽ خوشحاليءَ جي دعا سان گڏ سڄي جهان جي ماڻهن جي شاد ۽ آباد رهڻ جي دعا پڻ شامل آهي، جنهن سان شاگردن ۾ پنهنجن ديس وارن سان گڏ سموري دنيا جي انسانن سان محبت جو جذبو اجاگر ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، اسڪولي ٻارن ۾ سنڌ جي سدا حيات شاعرشاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ پيغام کي پهچائڻ لاءِ ’اسان جو شاهه لطيف‘ جي عنوان سان پنج ڪتابڙا ٻهريون پيرو سال 2012ع ۾ شايع ڪرايا هئا. ابتدائي طور هن ڪم جو خيال سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس جي معزز ميمبر ڊاڪٽر سليمان شيخ ڏنو هو ان ڪري ٻهرئين ۽ ٽئي ڇاپي جون ڪيتريون ئي ڪاپيون سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ هلندڙ ’روشن تارا‘ اسڪولن لاءِ خريد ڪيون ويون.

اسان کي خوشي ٿي آهي جو شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي هڪ خانگي اسڪول ٻه پنهنجي اسڪول ۾ ’درسِ لطيف‘ جو هيءُ سلسلو پڙهائڻ شروع ڪيو آهي ۽ اٿارٽيءَ جو هيءُ سلسلو ’اسان جو شاهه لطيف‘ پنهنجي ڪورس تي رکيو آهي. هن ڪتاب جو هي ٽيون ڇاپو پڻ ان اسڪول جي گهرج کي آڏو رکي شايع ڪرايو پيو وڃي. اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ جي سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن کي پڻ ان ڳالهه تي راضي ڪريون ته اهي پنهنجي نصاب ۾ ’درس لطيف‘ جو هي سلسلو پڙهائڻ شروع ڪن.

مون کي اميد آهي ته هن سلسلي ۾ اسان کي سٺي موٽ ملندي ۽ اٿارٽيءَ پاران ورتل هي ننڍڙي ڪوشش شاهه عبداالطيف ڀٽائيءَ جي آفاقي پيغام ۽ فڪر کي ٻارڙن ۾ روشناس ڪرائڻ سان گڏ انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وڌ ۾ وڌ استعمال جو سبب پڻ بڻبي.

15 اپريل، 2016ع
حيدرآباد، سنڌ

سرفراز راڄڙ
چيئرمئن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

سڄي دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ اتان جا تعليمي ماهر ۽ علمي ادارا پنهنجن ڏاهن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سنڌن حڪمن جي باري ۾ پنهنجي نئين نسل کي ڄاڻ ۽ آگاهي ڏيڻ لاءِ انهن جي زندگين توڙي تخليقن بابت ٻاراڻا ايڊيشن ڪيندا آهن ۽ اهي نہ صرف اسڪولن ۾ 'واڌو مددگار مطالعي' (supplementary reading) لاءِ پڙهائڻ ضروري سمجهيا ويندا آهن، پر ٻارن جا مائٽ گهر ۾ انهن جي اڀياس کي همٿائيندا آهن ۽ ڪين ڪنهن ڪاميابيءَ يا سالگره وغيره جهڙن موقعن تي سوکڙيءَ طور بہ ڏيندا آهن. انگريزي ٻوليءَ جي وڏي شاعر ۽ ڊرامانگار وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن جا مختصر ٻاراڻا ايڊيشن هجن يا اردوءَ جي شاعر علامہ اقبال بابت 'اسان جو اقبال' نالي سيريز جا ڪتاب، اهي ٻارن ۾ انهن شاعرن بابت وڏي ساڃاهہ پيدا ڪن ٿا.

سال 2012ع ۾ هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي کان اڳ محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ٻڌايو هو تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هلندڙ 25 'روشن تارا' اسڪولن ۾ چوٿين ڪلاس کان اٺين ڪلاس تائين **'شاهہ لطيف'** پڙهايو ويندو آهي، ان لاءِ هُن ڪجهہ ڪتاب بہ تيار ڪرايا هئا، جيڪي انهن اسڪولن ۾ نصابي ڪتابن طور پڙهايا ويندا هئا. بعد ۾ اها خوشخبري بہ ٻڌائي هئائون تہ سنڌ حڪومت بہ اصولي طور اها ڳالهہ قبول ڪئي آهي ۽ جلد ئي ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ٿيڻ وارو آهي، جنهن موجب اسڪولن ۾ **"درسِ لطيف"** جو آغاز ڪيو ويندو.

انهيءَ حوالي سان ان وقت اسان بهتر سمجهيو تہ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بہ سنڌي ٻوليءَ جي معمار ۽ محسن شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان "درسِ لطيف" ڏيڻ لاءِ ننڍڙا ڪتابڙا ڇپرائي، پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان ڏس ۾ پنج ڪتابڙا تيار ڪيا ويا، جن ۾ ٻارن جي عمرين کي ذهن ۾ رکي تمام سؤلا ۽ سبق آموز بيت درجيوار ڏنا ويا. هر هڪ بيت ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيت جي سمجهاڻي ڏئي، ٻارن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اخلاقي گڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان ڪم ۾ منهنجا مددگار محترم پروفيسر سيد شيرشاهہ ۽ محترم پروفيسر تاج جويو هئا، جن هنن ڪتابن کي نظر مان ڪڍيو ۽ تمام سهڻيون صلاحون ڏنيون.

هن وقت هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو شايع ٿي رهيو آهي. مون کي اميد آهي تہ هنن ڪتابڙن ذريعي سنڌ جي ٻارن ۾ اسان جي پياري ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ٿيڻ سان گڏ ساڻس اُنسيت پڻ پيدا ٿيندي.

ڊاڪٽر فهميده حسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگيءَ جو مختصر احوال

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو عظيم قومي شاعر آهي. سندس والد جو نالو سيد حبيب شاهہ هو. سندس ڏاڏو شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو پڻ سنڌ جي ناليوارن شاعرن مان هڪ ٿي گذريو آهي.

شاهہ عبداللطيف سن 1689ع ۾ ڄائو هو. جيئن تہ آخري عمر ۾ پاڻ ڀٽ شاهہ تي رهائش اختيار ڪئي هئائين ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. ان ڪري کيس "ڀٽائي" بہ چيو ويندو آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ننڍڙي هوندي پنهنجي ڳوٺ ۾ آخوند نور محمد ڀٽيءَ جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. ان کانپوءِ سندس تعليم ۽ تربيت سندس مائٽن، وڏڙن ۽ بزرگن ڪئي. پاڻ ڪيترائي ڀيرا سير سفر تي پڻ ويو ۽ سنڌ ۽ ان کان ٻاهر جا ڪيترائي ماڳ مڪان ڏٺائين ۽ گهڻن ئي ماڻهن سان مليو. جنهن مان پڻ تمام گهڻو علم پرايائين ۽ ڪيترن ئي لوڪ قصن ڪهاڻين بابت معلوم ٿيس. انهن سمورين ڳالهين مٿس تمام گهڻو اثر ڪيو ۽ پاڻ انهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيائين.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو ڪتاب **"شاهہ جو رسالو"** سڏجي ٿو. جيڪو نہ صرف سنڌ ۾ بلڪ سموري دنيا جي ادب ۾ اعليٰ درجو رکي ٿو. سندس ڪلام ۾ سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين ۽ ڪردارن ذريعي اسان لاءِ ڪيترائي اعليٰ پيغام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهايل آهي. شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ زندگيءَ جي اعليٰ قدرن، پاڻ سچائڻ ۽ پنهنجي خدا کي سچائڻ جو پيغام ڏنو آهي. هن اسان سڀني کي بنا فرق جي سمورن انسانن سان محبت ڪرڻ جو درس بہ ڏنو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ انسانن کي عام زندگيءَ کي سٺي نموني گذارڻ لاءِ تمام سهڻيون صلاحون ۽ سبق ڏنا آهن. اُن لاءِ هن پنهنجي ڪلام ۾ قرآن شريف، ٻين مذهبي ۽ اعليٰ اخلاق جو سبق ڏيندڙ ڪتابن ۽ زندگيءَ جي تجربن ذريعي ڪيتريون ئي سمجهاڻيون ڏنيون آهن. ان کانسواءِ سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ، ماڻهن جي رهڻ سهڻ جي طور طريقن، رسمن رواجن جو بہ نهايت سهڻن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

شاهه سائينءَ جي "رسالي" ۾ غريب ۽ مسڪين ماڻهن، توڙي امیرن جي هلت چلت جو بيان بہ آهي. هن سنڌ جي عام زندگيءَ ۾ پورهيتن جي ڪيترن طبقن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي جن ۾ واڍا، لوهار، ڪنڀار، ڏنار، ڪوري ۽ ڪاتار شامل آهن. پر هو سڀني کان وڌيڪ پيار سان پنهنجي ديس ۽ ان جي غريب ماروئڙن ۽ سانگيئڙن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ انهن ذريعي سمورن انسانن سان هڪ جهڙي محبت ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سن 1752ع ۾ وفات ڪئي ۽ ڪيس ڀٽ شاهه ۾ دفن ڪيو ويو. سنڌ جي حڪمران غلام شاهه ڪلهوڙي سندس هڪ عاليشان مقبرو اڏايو هو جتي هر سال صفر مهيني جي 14 تاريخ تي سندس ساليانو عرس ملهايو ويندو آهي ۽ ٽن ڏينهن جو هڪ ميلو پڻ لڳندو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پانڌيئڙا اچي حاضر ٿيندا آهن. انهيءَ موقعي تي هڪ ادبي ڪانفرنس بہ ڪوٺائي ويندي آهي، جنهن ۾ عالم ۽ اديب سندس رسالي جي پيغام بابت سمجهاڻيون ڏيندا آهن ۽ روزانو رات جو راڳ جي محفل ٿيندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ نصيحت جا نُڪتا

اها ڳالهہ تہ اسين سڀ ڄاڻون ٿا تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سمورو ڪلام پنهنجي امڙ جي ٻولي سنڌيءَ ۾ چيل آهي. شاهہ سائين وڏي علم ۽ فضيلت وارو انسان هو ڪيس عربي، فارسي، هندي ۽ ٻين ٻولين جي چڱي ڄاڻ هئي ۽ سندس زماني ۾ فارسيءَ ۾ شاعري ڪرڻ جو رواج بہ هو. اُن دور ۾ جيڪو بہ فارسيءَ ۾ شاعري ڪندو هو ماڻهوان کي وڏو اڪابر سمجهندا هئا ۽ وقت جا بادشاهہ ڪيس انعام اڪرام ڏيندا هئا. پر پوءِ بہ شاهہ لطيف پنهنجو ڪلام سنڌيءَ ۾ ڇو چيو انهيءَ تي ڪڏهن توهان سوچيو آهي؟

پيارا ٻارو! شاهہ سائينءَ پنهنجو ڪلام سنڌيءَ ۾ انهيءَ ڪري چيو جو هُو پنهنجي پياري ٻوليءَ سان بيحد محبت ڪندو هو. هُو هڪ وطن دوست انسان هو جنهن کي پنهنجي وطن، ان جي رهواسين ۽ انهن جي هرهڪ شيءِ سان پيار هو. هن سوچيو تہ جيڪڏهن اسين سنڌي بہ پنهنجي ٻوليءَ بدران فارسيءَ يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪنداسين تہ پوءِ اسان جي ٻولي شاهوڪار ڪيئن ٿيندي ۽ جيڪڏهن اسان ئي ان کي اهميت نہ ڏينداسين تہ پوءِ اها زنده ڪيئن رهندي؟ ماڻهن جي ساراهہ ۽ انعامن اڪرامن جي پرواهہ ڪرڻ بدران هن پنهنجي ٻوليءَ جي پرواهہ ڪئي ۽ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پلائيءَ جو سوچيو.

شاهه سائينءَ جي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻ سان سنڌي ٻولي ايتري ته شاهوڪار ۽ سگهاري ٿي وئي، جو اڄ اسين کيس 'سنڌي ٻوليءَ جو معمار' يا ٺاهيندڙ ۽ جوڙيندڙ سڏيون ٿا ۽ کيس تمام گهڻي عزت ۽ پيار سان ياد ڪريون ٿا. پر جن شاعرن پرائي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي، اڄ انهن کي ڪير به نٿو سڃاڻي.

شاهه سائينءَ جي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي ديس ۽ ديس وارن جي سِڪ ۾ ڪيل شاعريءَ مان اسان کي اها نصيحت ٿي ملي ته اسان کي به گهرجي ته اسين پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ڪريون ۽ ان جي خدمت ڪرڻ لاءِ هروقت تيار رهون ۽ پنهنجي ديس ۽ اُن ۾ رهندڙ سمورن انسانن سان سِڪ ۽ محبت سان گڏجي گذاريون.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 1

وَڳر ڪيو وَتَن، پِرتِ نہ چِنن پاڻَ ۾،
پسو پَکيئڙن، ماڻهنئان ميٺ گهڻو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| وَڳر: | ولر، تولو | پَکيئڙن: | پکين کي |
| پِرت: | پيار، محبت | ماڻهنئان: | ماڻهن کان، انسانن کان |
| چِنن: | چِني ڏار ڪن | ميٺ : | محبت، پيار |
| پسو : | ڏسو | | |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ جي رسالي جي ”سر ڏهر“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ سائينءَ پکين جي پاڻ ۾ گڏجي اُڏامڻ، داڻو چُڳڻ ۽ ڍنڍ يا نديءَ ۾ گڏ گڏ ترڻ کي هڪ مثال طور پيش ڪندي چيو آهي، تہ ڏسو تہ اُهي ڪيئن نہ پاڻ ۾ انسانن کان وڌيڪ ٻڌيءَ ۽ محبت سان گڏجي رهن ٿا ۽ ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کان ڌار نٿا ٿين. انسانن کي بہ گهرجي تہ پاڻ ۾ ٻڌي ڪن ۽ پکين وانگر ميٺ محبت ۽ ڀائيچاري سان گڏجي رهن.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 2

نِمي ڪمي نِهارِ تون، ڏمر ڏولائو،
ٿئي ساجائو، جي اُيئين اِنهيءَ پير تي.

نمي: نِوڙي جُهڪي عاجزيءَ سان

ڏولائو: ڏک، تڪليف، مونجهارو

ڪَمي: صبر سان، برداشت سان

ساجائو: ساجاهه، سمجهه

ڏمر: ڪاوڙ غصو چڙ ڏاڍ

اُيئين: تون بيهين

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سر يمن ڪلياڻ“ مان ورتل آهي. هن بيت ۾ شاهه صاحب اسان کي سمجهايو آهي تہ انسان کي ٻين ماڻهن سان نوڙت ۽ نياز سان هلت رکڻ گهرجي ۽ اجائي چڙ ۽ ڪاوڙ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ انهيءَ سان تڪليف ۽ مونجهارو پيدا ٿيندو آهي. جيڪڏهن انهيءَ نصيحت تي عمل ڪبو تہ مونجهارو ختم ٿيندو ۽ ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 3

يارُ سڏائي سيڪو، جاني، زباني،
آهي آساني، ڪَمَ پئي تي ڪَلَ پوي!

| | | | |
|---|---|---|---|
| جاني: | دلي دوست | آساني: | سولائي |
| زباني: | زبان سان، واتَ سان | ڪَلَ: | خبر |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاھہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”بروو سنڌي“ نالي سُر مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاھہ صاحب سمجهايو آهي تہ هن دنيا ۾ توهان کي ڪيترائي دوست ملندا. جيڪي زبان سان دوستيءَ جو دم هڻندا، پر سندن دوستي سچي آهي يا ڪوڙي، اها خبر اوسيتائين ڪا نہ پوندي، جيستائين توهان جو ڪو ڪم اُنهن ۾ پوي. ان ڪري ضروري آهي تہ هر ڪنهن سان دوستي ڪرڻ بدران سوچي سمجهي سچي ۽ صحيح ماڻهوءَ سان دوستي ڪرڻ گهرجي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 4

سُتا اُٿي جاڳُ، ننڊَ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سُهاڳُ، ننڊُن ڪندي نہ ملي.

سُتا: اي سُتل! ننڊ ۾ سُتل، غافل
ايتري: ايڏي، گهڻي
جاڳ: سجاڳ ٿيءُ
سلطاني: وڏو انعام، وڏي سعادت.
سهاڳ: اعليٰ مقصد

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي "سُر ڏهر" مان چونڊيو ويو آهي، هن بيت ۾ انسان کي اها نصيحت ڪئي وئي آهي تہ اي غافل، سست ۽ ننڊون ڪندڙ انسانَ. ننڊ مان اُٿي سجاڳ ٿي، ڇو تہ اها غفلت واري ننڊ تنهنجي اعليٰ مقصد کي حاصل ڪرڻ واري راهہ ۾ رڪاوٽ آهي. هيءَ دنيا عمل ڪرڻ جي جاءِ آهي ۽ زندگيءَ ۾ ڪو اعليٰ مرتبو ۽ وڏي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سجاڳ رَهي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 5

سائِينمِ! سدائين ڪرين، متي سِنڌ سُڪار،
دوست مَنا دلدار، عالَمَ سڀ آباد ڪرين!

| | | | |
|---|---|---|---|
| سائينم: | منهنجا سائين، منهنجا الله سائين | عالم: | سارو جهان، سڄي دنيا |
| سُڪار: | خوشحالي، آبادي، سُک | آباد: | سکيو ستابو آسودو |
| دلدار: | محبوب، دل گهريو دوست | | |

### بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سرسارنگ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه لطيفَ الله سائين کان دعا گهري آهي تہ اي منهنجا مولا! تون پنهنجو ڪرم ڪري اسان جي وطن سنڌ کي سدائين خوشحال، شاد ۽ آباد رک. اُن سان گڏ اي منهنجا محبوب رب! تون سموريءَ دنيا کي بہ سُکيو ستابو ۽ آسودو رک.

•••



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مشق

سوال1: (i) شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي والد جو نالو ڇا هو؟

(ii) سچو دوست ڪنهن کي چئبو آهي ؟

(iii) شاهه سائين سُني هلت هلڻ لاءِ ڪهڙو ڏس ڏنو آهي؟

(iv) اسان کي ڀڪين ڪان ڇا سکڻ گهرجي؟

(v) شاهه سائين سنڌ ۽ سموري دنيا کي ڪهڙي دعا ڏني آهي؟

سوال 2. هيٺ ڏنل لفظن جا ضد لکو:

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ميٺ | | سُڪار | |
| ڇنن | | آباد | |
| آساني | | دوست | |
| ننڊ | | | |

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




ISBN 978-9-6962507-1-5

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان جو شاھ لطيف

(ڪتاب پيو)



ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارن لاءِ 'درس لطيف' جو سلسلو

# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب پيو)

سهيڙيندڙ

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

صلاحڪار

**تاج جويو ۽ سيد شيرشاهه**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

2016ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (247)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# اسان جو شاهه لطيف (ڪتاب پيو)


سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر فهميده حسين

صلاحڪار: تاج جويو ۽ سيد شبر شاهه

ڇاپو: پهريون: 2012ع، ٻيو: 2014ع، ٽيون: 2016ع

تعداد: 2000

قيمت: =/30 روپيا

**Catalogue Reference**
Hussain Fahmida, Dr.
Asan Jo Shah Latif
Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-072-2

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ASAN JO SHAH LATIF

Compiled by: Dr. Fahmida Hussain
Edition: 1st 2012, 2nd 2014, 3rd 2016
Quantity: 2000
Price: Rs. 30 /=
Composed by: Hussain Ahmed & Asadullah Bhutto.
Title: Asadullah Bhutto
Published by: Sarfraz Rajar Chairman, Sindhi Language Authority
National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/s Ali Hussnain & Printing Services, Hyderabad.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءُ ڪتاب، سرفراز راڄڙ، چيئرمئن سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرز علي حسنين پرنٽنگ سروسز حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن ڪتاب بابت

هن ڪتاب ۾ ”سُر ڪلياڻ“، ”سُر يمن ڪلياڻ“، ”سُر ڪاپائتي“، ”سُر سريراڳ“ ۽ ”سُر مارئيءَ“ مان اهڙا بيت شامل ڪيا ويا آهن، جن ۾ شاهه سائينءَ انسان کي اعليٰ اخلاق جي هدايت ڪئي آهي ۽ حياتيءَ ۾ هر قدم سوچي سمجهي کڻڻ جي نصيحت ڪئي آهي. شاهه صاحب اهو به ٻڌايو آهي ته اسان کي مالي فائدو هوندي به اهڙي سنگت نه رکڻ گهرجي، جنهن سان دل کي خوشي نه ملي.

ان کانسواءِ هنن بيتن ۾ شاهه صاحب انسان کي هر ڪم ۾ هر پورهيو نيڪ نيتيءَ ۽ پيار سان ڪرڻ جو به سبق سيکاريو آهي. اهڙيءَ ريت عملي زندگيءَ ۾ محنت ڪرڻ ۽ سُستي، غفلت ۽ ڪوتاهيءَ کان پاڻ بچائي، خبرداري، سجاڳيءَ ۽ همت سان هلڻ جو ڏس ڏنو آهي. هنن بيتن ۾ شاهه صاحب اهو به سيکاريو آهي ته بي غرض بڻجي، انسانن جي خدمت ڪرڻ گهرجي، ڇو ته اُن سان دلي خوشي ۽ ذهني سُڪون حاصل ٿئي ٿو ۽ الله تعاليٰ به خوش ٿئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشرپاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، اسڪولي ٻارن ۾ سنڌ جي سدا حيات شاعرشاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ پيغام کي پهچائڻ لاءِ 'اسان جو شاهه لطيف' جي عنوان سان پنج ڪتابڙا پهريون ڀيرو سال 2012ع ۾ شايع ڪرايا هئا. ابتدائي طور هن ڪم جو خيال سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس جي معزز ميمبر ڊاڪٽر سليمان شيخ ڏنو هو ان ڪري پهرئين ۽ ٻئي ڇاپي جون ڪيتريون ئي ڪاپيون سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ هلندڙ 'روشن تارا' اسڪولن لاءِ خريد ڪيون ويون.

اسان کي خوشي ٿي آهي جو شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي هڪ خانگي اسڪول به پنهنجي اسڪول ۾ 'درسِ لطيف' جو هيءُ سلسلو پڙهائڻ شروع ڪيو آهي ۽ اٿارٽيءَ جو هيءُ سلسلو 'اسان جو شاهه لطيف' پنهنجي ڪورس ۾ رکيو آهي. هن ڪتاب جو هي ٽيون ڇاپو پڻ ان اسڪول جي گهرج کي آڏو رکي شايع ڪرايو پيو وڃي. اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ جي سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن کي پڻ ان ڳالهه تي راضي ڪريون ته اهي پنهنجي نصاب ۾ 'درس لطيف' جو هي سلسلو پڙهائڻ شروع ڪن.

مون کي اميد آهي ته هن سلسلي ۾ اسان کي سٺي موٽ ملندي ۽ اٿارٽيءَ پاران ورتل هي ننڍڙي ڪوشش شاهه عبدالطيف ڀٽائيءَ جي آفاقي پيغام ۽ فڪر کي ٻارڙن ۾ روشناس ڪرائڻ سان گڏ انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وڌ ۾ وڌ استعمال جو سبب پڻ بڻبي.

15 اپريل، 2016ع
حيدرآباد، سنڌ

**سرفراز راڄڙ**
چيئرمئن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

سچي دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ اتان جا تعليمي ماهر ۽ علمي ادارا پنهنجن ڏاهن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سندن ڪم جي باري ۾ پنهنجي نئين نسل کي ڄاڻ ۽ آگاهي ڏيڻ لاءِ، انهن جي زندگين توڙي تخليقن بابت ٻاراڻا ايڊيشن ڪڍندا آهن ۽ اهي نہ صرف اسڪولن ۾ 'واڌو مددگار مطالعي' (supplementary reading) لاءِ پڙهائڻ ضروري سمجهيا ويندا آهن، پر ٻارن جا مائٽ گهر ۾ انهن جي اڀياس کي همٿائيندا آهن ۽ ڪين ڪنهن ڪاميابيءَ يا سالگره وغيره جهڙن موقعن تي سوکڙيءَ طور بہ ڏيندا آهن. انگريزي ٻوليءَ جي وڏي شاعر ۽ ڊرامانگار وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن جا مختصر ٻاراڻا ايڊيشن هجن يا اردوءَ جي شاعر علامہ اقبال بابت 'اسان جو اقبال' نالي سيريز جا ڪتاب، اهي ٻارن ۾ انهن شاعرن بابت وڏي ساڃاهہ پيدا ڪن ٿا.

سال 2012ع ۾ هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي کان اڳ محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ٻڌايو هو تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هلندڙ 25 'روشن تارا' اسڪولن ۾ چوٿين ڪلاس تائين **'شاهہ لطيف'** پڙهايو ويندو آهي، ان لاءِ هُن ڪجهہ ڪتاب بہ تيار ڪرايا هئا، جيڪي انهن اسڪولن ۾ نصابي ڪتابن طور پڙهايا ويندا هئا. بعد ۾ اها خوشخبري بہ ٻڌائي هئائون تہ سنڌ حڪومت بہ اصولي طور اها ڳالهہ قبول ڪئي آهي ۽ جلد ئي ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ٿيڻ وارو آهي، جنهن موجب اسڪولن ۾ **"درسِ لطيف"** جو آغاز ڪيو ويندو.

انهيءَ حوالي سان ان وقت اسان بهتر سمجهيو تہ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بہ سنڌي ٻوليءَ جي معمار ۽ محسن شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان "درسِ لطيف" ڏيڻ لاءِ ننڍڙا ڪتابڙا ڇپرائي، پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان ڏس ۾ پنج ڪتابڙا تيار ڪيا ويا، جن ۾ ٻارن جي عمرين کي ذهن ۾ رکي تمام سؤلا ۽ سبق آموز بيت درجيوار ڏنا ويا. هر هڪ بيت ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيت جي سمجهاڻي ڏئي، ٻارن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اخلاقي گڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان ڪم ۾ منهنجا مددگار محترم پروفيسر سيد شيرشاهہ ۽ محترم پروفيسر تاج جويو هئا، جن هنن ڪتابن کي نظر مان ڪڍيو ۽ تمام سهٺيون صلاحون ڏنيون.

هن وقت هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو شايع ٿي رهيو آهي. مون کي اميد آهي تہ هنن ڪتابڙن ذريعي سنڌ جي ٻارن ۾ اسان جي پياري ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ٿيڻ سان گڏ ساڻس اُنسيت پڻ پيدا ٿيندي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شخصيت

شاهه عبداللطيف ڀٽائي نه صرف سنڌ ۽ پاڪستان جو پر دنيا جي وڏن شاعرن مان هڪ شاعر آهي. سنڌس شاعريءَ جو ڪتاب **"شاهه جو رسالو"** سڏجي ٿو سندس ڪلام سُرن ۾ ورهايل آهي. هر هڪ سُر ۾ **ڪيترائي بيت ۽ وايون** آهن، جن ۾ **شاهه سائينءَ دين ۽ دنيا جي بهتر زندگي گذارڻ لاءِ سهڻا سبق سمجهايا** آهن.

شاهه عبداللطيف نه رڳو پنهنجن استادن، بزرگن، صوفي سالڪن ۽ جوڳين سامين جي صحبت مان گهڻو ئي علم پرايو پر هو پاڻ سان هر وقت قرآن شريف، مثنوي مولانا جلال الدين رومي ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو رسالو کڻندو هو جيڪي سندس علم جي واڌاري لاءِ ڪتب ايندا هئا. شاهه صاحب سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان سواءِ ٻين پاسن جو پڻ سير ڪيو ۽ اتي جي ماڻهن ۽ ماڳن مان گهڻي ڄاڻ حاصل ڪئي، جنهن کي هن پنهنجي رسالي جي بيتن ۽ واين ۾ بيان ڪيو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام سندس سهڻي سيرت جو آئينو آهي. سندس طبيعت ٻاجهاري، عادتون نيڪ ۽ اخلاق اعليٰ هو. هو سادو کائيندو ۽ سادو پائيندو هو. اجائي وڏائيءَ کان پاسو ڪندو هو. اُن ڪري عام ماڻهو سندس تمام

گهڻي عزت ڪندا هئا. هن پنهنجي ڪلام ۾ اهڙن سمورن گڻن جي ساراهہ ڪئي آهي، جن سان انسان پنهنجي زندگي سنواري سگهي ٿو. انهن مان سڀ کان وڏو گڻ هُو انسانن سان پيار ۽ محبت سان رهڻ ۽ هڪ ٻئي سان نوڙت ۽ عاجزيءَ سان پيش اچڻ کي سڏي ٿو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، تمام وڏو وطن دوست هو ۽ پنهنجي وطن ۽ اُن جي رهواسين سان بيحد محبت ڪندو هو. سندس وطن دوستي ۽ ساٿيهہ جي سڪ جو احوال اسين سندس رسالي جي "سُر مارئيءَ" ۾ پڙهي ۽ ڏسي سگهون ٿا. شاهہ سائينءَ کي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ سان بہ تمام گهڻي محبت هئي، ان ڪري هن ڌارين جي ٻولين کي ڇڏي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر چيا.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ کي مختلف سُرن ۾ ورهايو آهي، جن ۾ هن سنڌ جي ڪيترين لوڪ آکاڻين ۽ انهن جي ڪردارن جا مثال ڏئي، سٺي انسان بڻجڻ جو سبق سيکاريو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 1

وينني جِنين وَٽِ، ڏُکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ئي مَٽِ، جي حاصل هوءِ هزارَ جو!

| | | | |
|---|---|---|---|
| جنين وٽ: | جن وٽ، انهن وٽ | مجلس: | ڪچهري، محفل |
| ڏکندو: | ڏک، تڪليف، سُور | مَٽِ: | مٽاءِ، بدلاءِ |
| ڏاڍو: | گهڻو وڏيڪ، ججهو سخت | هزار: | هزارن ۾، تمام گهڻو |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سُر يمن ڪلياڻ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه صاحب اسان کي سمجهايو آهي ته انسان کي اهڙي ڪنهن ماڻهوءَ جي سنگت ۾ نه ويهڻ گهرجي، جتي وجي خوشيءَ بدران ڏک ۽ تڪليف ملي يا دل آزاري ٿئي. ماڻهوءَ کي اهڙي ماحول کان دور رهڻ گهرجي، ڀوءِ ڀلي ڪٽي اُن مان ڪو مالي فائدو چو نه ملندو هجي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 2

وينني جِنين وَت، ڏُکندو ڏورِ ٿئي،
تون تنين سين ڪٽِ، اوڏا اڏي پَکڙا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| جنين وت: | جن وت، انهن وت | ڪٽ: | گذار، گڏ ويهه |
| ڏُکندو: | ڏک، تڪليف | اوڏا: | ويجها، پرسان |
| ڏور ٿئي: | پري ٿئي، ختم ٿئي | اَڏي: | ٺاهي، جوڙي |
| تنين سين: | تن سان، انهن سان | پَکڙا: | گهرڙا، جهوپڙا |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سُر يمن ڪلياڻ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه سائينءَ سمجهايو آهي ته اهڙا ماڻهو جن جي سنگت ۾ ويهي ڏک ڏور ٿين ۽ خوشي حاصل ٿئي، انهن جي ويجهو گهرڙو ٺاهي، اُنهن جي صحبت ۾ زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. مطلب ته همدرد ۽ نيڪ ماڻهو هجن ۽ ماحول به سٺو هجي ته انسان کي اُنهن سان گڏجي گهارڻ گهرجي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 3

مُحبت پائي مَنَ ۾، رَنديا روڙيا جِن،
تِن جو صَرافن، اٽتوريو ئي اگهائيو.

| | |
|---|---|
| رنديا: سُٽَ جون ٿلهيون تندون، خراب سُٽُ | صراف: پارکو، سون يا سُٽ جو پرکيندڙ |
| روڙيا: ڪتيا، تندن کي لسو ڪيو | اٽتوريو: بنا تورڻ جي |
| | اگهائيو: قبول ڪيو |
| صرافن: پارکو ماڻهن، سون يا سُٽ جا پرکيندڙ | |

## بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي "سُر ڪاپائتيءَ" مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه سائين اُن ڳالهه جي خاطري ٿو ڏياري تہ جيڪڏهن ماڻهو پنهنجو ڪم پيار محبت ۽ من جي سچائيءَ سان ڪندو تہ ان ۾ توري گهٽتائي هوندي تہ بہ اهو ضرور قدردانن وٽ قبول پوندو. باقي بي دليءَ سان ڪيل ڪم ۾ اها خوبي ڪا نہ هوندي آهي، جيڪا ٻين جي دل کي وڻي ۽ اهي ان کي قبول ڪن.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 4

پاڇاهِي نہ پاڙيان، سَرتيون سُٺيءَ ساڻ،
ڏکي اگهاڙن کي، ڪين ڏڪيائين پاڻ،
ٻيهر ڄاپِي ڄاڻ، اِبرَ جي اوصافَ کي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| پاڇاهي: | بادشاهي، شاهي شان | ڄاپي: | ڄمي، ڄنم وٺي |
| پاڙيان: | برابر ڪريان | ڄاڻ: | معلوم ڪر |
| سرتيون: | سهيليون، جيڏيون | اِبر: | سُٺي (سٺ واري سُٺي) |
| ڏڪي: | ڪپڙا پارائي | اوصاف: | خوبي، گُڻَ |

### بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي "سُرمارئيءَ" مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه سائينءَ سُٺيءَ جهڙي ننڍڙي شيءِ جي ساراهه ڪئي آهي ۽ چوي ٿو تہ سُٺيءَ جي وڏائيءَ سان بادشاهي شان کي بہ برابر نہ ٿو سمجهان. سُٺيءَ جي وڏائي ۽ رتبي کي سمجهڻ لاءِ هيءَ عمر ٿورڙي آهي، ٻيو جنم وٺي اچي سُٺيءَ کي سمجهڻو پوندو. ڇو تہ اها پاڻ ڏکڻ بدران ٻين جا ڪپڙا سبڻ جو ڪم ڪري ٿي. هن بيت مان اهو سبق ملي ٿو تہ انسان کي پاڻ وساري ٻين جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 5

چڱا ڪَن چڱائِيون، مَنايون مَنن،
جو وَڙُ جُڙي جِن سين، سو وَڙُ سيئي ڪن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مَنايون: | برايون، خرابيون | جُڙي: | سونهي، ٺهي |
| مَنن: | بُرائي ڪندڙن، خراب ماڻهن | سيئي: | اُهي ئي، سي ئي |
| وڙ: | سُلوڪ، ورتاءُ | | |

## بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سُر ”سِريراڳ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ سائينءَ اسان کي ٻڌايو آهي تہ جيڪي سنو اخلاق رکندڙ چڱا ماڻهو هوندا آهن، اهي هميشہ ٻين سان چڱائي ڪندا آهن ۽ سنو سُلوڪ ڪندا آهن، پر جيڪي خراب يا بُرا ماڻهو هوندا آهن، انهن جو ورتاءُ ۽ سلوڪ ٻين سان سنو ڪونہ هوندو آهي. سچ تہ هر ماڻهو پنهنجي اخلاق ۽ هلت مان پڌرو هوندو آهي تہ اهو چڱو آهي يا برو.

•••



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 6

ڪَمُ! ڪمندَنِ ڪَنيو، هارايو هُوڙَنِ
چَڪيو نہ چُوندنِ، هو جو ساءُ صَبرَ جو.

ڪَمَ: سَهُہ بخش ڪر — چُوندن: چوڻ وارن، ڳالهائيندڙن
ڪمندَنِ: سَهڻ، صبر ڪرڻ، بخش ڪرڻ — ساءُ: سواد، ذائقو
هوڙَنِ: هوڏ ڪندڙن، ضد ڪرڻ وارن

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سُر يمن ڪلياڻ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاھ سائينءَ اسان کي صبر ۽ برداشت ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. هو چوي ٿو تہ اي انسان! تون صبر ڪر ۽ بخش ڪرڻ سک، ڇو جو صبر ڪرڻ وارو هميشہ کٽيندو آهي. باقي جيڪي اجائي هوڏ ۽ ضد ڪندا آهن، اهي هميشہ هارائيندا آهن. اجايو ڳالهائيندا آهن. انهن کي صبر جي مٺي ذائقي جي خبر ئي ڪانهي. شاھ صاحب اهو ٿو سمجهائي تہ ”صبر جو ڦل مٺو هوندو آهي“.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 7

پِريان سندي پارَ جي، مڙئي مِنائي،
ڪانھي ڪَڙائي، ڇَڪِين جي چيتِ ڪري.

| | | | |
|---|---|---|---|
| پريان: | پرين، سچو دوست، محبوب | ڪڙائي: | ڪڙاڻ، برائي، خرابي |
| مڙيئي: | سموري، سچي | چيت: | هوش، ڌيان، خيال |
| منائي: | مناڻ، محبت سان پريل، چڱائي | | |

## بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي پهرئين سُر ”ڪلياڻ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاھ سائين اسان کي ٻڌائي ٿو تہ جيڪي اسان جا سچا دوست هوندا آهن. اهي اسان لاءِ چڱو سوچيندا آهن ۽ اُنهن وٽان اسان کي مٺا ٻول ملندا آهن. اهي ڪڏهن بہ ڪا برائي يا ڪڙي ڳالهہ ڪانہ ڪندا آهن. اها ڳالهہ اسان کي گهٽي ڌيان ۽ هوش ڌارڻ سان سمجهہ ۾ ايندي

هن بيت ذريعي شاھ صاحب اهو بہ پيغام ڏنو آهي تہ الله سائين اسان جو سچو محبوب ۽ سڄڻ آهي ۽ اهو هميشہ اسان جي لاءِ بهتر فيصلو ڪندو آهي.اها ڳالهہ اسان کي چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مشق

I سوال:

1. شاھ صاحب ڪھڙن ماڻھن جي صحبت ۾ ويھڻ لاءِ چيو آھي؟

2. شاھ صاحب ڪھڙن ماڻھن وٽ ويھڻ کان منع ڪئي آھي.

3. اسان کي پنھنجو ڪم ڪھڙي طريقي سان ڪرڻ گھرجي؟

4. اسان کي سُئيءَ کان ڪھڙو سبق سکڻ گھرجي؟

5. شاھ صاحب صبر ڪرڻ وارن لاءِ ڇا چيو آھي؟

II ھيٺ ڏنل لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اوڏا | | چاڙھ | |
| ننڊ | | ڪٽرڻ | |
| محبت | | مِنائي | |

III شاھ جي بيتن ۾ ڪامياب زندگي گذارڻ لاءِ ڏنل ھدايتون/ڏَسُ پنھنجي لفظن ۾ لکي اچو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




ISBN 978-9-6962507-2-2

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب ٽيون)



ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارن لاءِ ’درس لطيف‘ جو سلسلو

# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب ٽيون)


سهيڙيندڙ

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

صلاحڪار

**تاج جويو ۽ سيد شيرشاهه**



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

2016ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (249)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# اسان جو شاهه لطيف (ڪتاب ٽيون)

سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر فهميده حسين

صلاحڪار: تاج جويو ۽ سيد شير شاهه

ڇاپو: پهريون: 2012ع، ٻيو: 2014ع، ٽيون: 2016ع

تعداد: 2000

قيمت: 30/= رپيا

**Catalogue Reference**
Hussain Fahmida, Dr.
Asan Jo Shah Latif
Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-073-9


## ASAN JO SHAH LATIF

| | |
|---|---|
| Compiled by: | Dr. Fahmida Hussain |
| Edition: | 1st 2012, 2nd 2014, 3rd 2016 |
| Quantity: | 2000 |
| Price: | Rs. 30 /= |
| Composed by: | Hussain Ahmed & Asadullah Bhutto. |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Sarfraz Rajar Chairman, Sindhi Language Authority National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/s Ali Hussnain & Printing Services, Hyderabad. |


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، اسڪولي ٻارن ۾ سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ پيغام جي پهچاڻ لاءِ 'اسان جو شاهه لطيف' جي عنوان سان پنج ڪتابڙا پهريون ڀيرو سال 2012ع ۾ شايع ڪرايا هئا. ابتدائي طور هن ڪم جو خيال سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس جي معزز ميمبر ڊاڪٽر سليمان شيخ ڏنو هو ان ڪري پهرئين ۽ ٻئي ڇاپي جون ڪيترين ئي ڪاپيون سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ هلندڙ 'روشن تارا' اسڪولن لاءِ خريد ڪيون ويون.

اسان کي خوشي ٿي آهي جو شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي هڪ خانگي اسڪول به پنهنجي اسڪول ۾ 'درسِ لطيف' جو هيءُ سلسلو پڙهائڻ شروع ڪيو آهي ۽ اٿارٽيءَ جو هيءُ سلسلو 'اسان جو شاهه لطيف' پنهنجي ڪورس تي رکيو آهي. هن ڪتاب جو هي ٽيون ڇاپو پڻ ان اسڪول جي گهرج کي آڏو رکي شايع ڪرايو پيو وڃي. اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ جي سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن کي پڻ ان ڳالهه تي راضي ڪريون ته اهي پنهنجي نصاب ۾ 'درس لطيف' جو هي سلسلو پڙهائڻ شروع ڪن.

مون کي اميد آهي ته هن سلسلي ۾ اسان کي سٺي موٽ ملندي ۽ اٿارٽيءَ پاران ورتل هي ننڍڙي ڪوشش شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي آفاقي پيغام ۽ فڪر کي ٻارڙن ۾ روشناس ڪرائڻ سان گڏ انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وڌ ۾ وڌ استعمال جو سبب پڻ بڻبي.

5 مئي، 2016ع

حيدرآباد، سنڌ

سرفراز راڄڙ

چيئرمئن

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

سچي دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ اتان جا تعليمي ماهر ۽ علمي ادارا پنهنجن ڏاهن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سندن ڪم جي باري ۾ پنهنجي نئين نسل کي ڄاڻ ۽ آگاهي ڏيڻ لاءِ انهن جي زندگين توڙي تخليقن بابت ٻاراڻا ايڊيشن ڪيندا آهن ۽ اهي نہ صرف اسڪولن ۾ 'واڌو مددگار مطالعي' (supplementary reading) لاءِ پڙهائڻ ضروري سمجهيا ويندا آهن، پر ٻارن جا مائٽ گهر ۾ انهن جي اڀياس کي همٿائيندا آهن ۽ ڪين ڪنهن ڪاميابيءَ يا سالگره وغيره جهڙن موقعن تي سوکڙيءَ طور بہ ڏيندا آهن. انگريزي ٻوليءَ جي وڏي شاعر ۽ ڊرامانگار وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن جا مختصر ٻاراڻا ايڊيشن هجن يا اردوءَ جي شاعر علامہ اقبال بابت 'اسان جو اقبال' نالي سيريز جا ڪتاب، اهي ٻارن ۾ انهن شاعرن بابت وڏي ساڃاهہ پيدا ڪن ٿا.

سال 2012ع ۾ هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي کان اڳ محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ٻڌايو هو تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هلندڙ 25 'روشن تارا' اسڪولن ۾ چوٿين ڪلاس کان اڻين ڪلاس تائين **'شاهہ لطيف'** پڙهايو ويندو آهي، ان لاءِ هُن ڪجهہ ڪتاب بہ تيار ڪرايا هئا، جيڪي انهن اسڪولن ۾ نصابي ڪتابن طور پڙهايا ويندا هئا. بعد ۾ اها خوشخبري بہ ٻڌائي هئائون تہ سنڌ حڪومت بہ اصولي طور اها ڳالهہ قبول ڪئي آهي ۽ جلد ئي ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ٿيڻ وارو آهي، جنهن موجب اسڪولن ۾ **"درسِ لطيف"** جو آغاز ڪيو ويندو.

انهيءَ حوالي سان ان وقت اسان بهتر سمجهيو تہ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بہ سنڌي ٻوليءَ جي معمار ۽ محسن شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان "درسِ لطيف" ڏيڻ لاءِ ننڍڙا ڪتابڙا ڇپرائي، پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان ڏس ۾ پنج ڪتابڙا تيار ڪيا ويا، جن ۾ ٻارن جي عمرين کي ذهن ۾ رکي تمام سؤلا ۽ سبق آموز بيت درجيوار ڏنا ويا. هر هڪ بيت ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيت جي سمجهاڻي ڏني، ٻارن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اخلاقي گڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان ڪم ۾ منهنجا مددگار محترم پروفيسر سيد شيرشاهہ ۽ محترم پروفيسر تاج جويو هئا، جن هنن ڪتابن کي نظر مان ڪڍيو ۽ تمام سهڻيون صلاحون ڏنيون.

هن وقت هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو شايع ٿي رهيو آهي. مون کي اميد آهي تہ هنن ڪتابڙن ذريعي سنڌ جي ٻارن ۾ اسان جي پياري ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ٿيڻ سان گڏ ساڻس اُنسيت پڻ پيدا ٿيندي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پيغام

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو عظيم صوفي شاعر ۽ اسان جو رهبر ۽ رهنما آهي، جنهن اسان کي ڪامياب زندگي گذارڻ لاءِ پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترائي سهڻا سبق ڏنا آهن. سندس ڪلام جو ڪتاب **" شاهہ جو رسالو"** سڏجي ٿو جيڪو پوري دنيا ۾ پسند ڪيو وڃي ٿو. شاهہ جي ڪلام ۾ سنڌ جي لوڪ داستانن جي ڪردارن جا مثال ڏئي پليون ڳالهيون سيکاريون ويون آهن.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي رسالي کي سُرن ۾ ورهائي، بيتن ۽ وائن ذريعي پاڻ سڃاڻڻ، ۽ پنهنجي خالق ۽ رب کي سڃاڻڻ جو سبق ڏنو آهي. شاهہ صاحب قرآن شريف جي آيتن، حديثن، درويشن ۽ ڏاهن ماڻهن جي زندگيءَ جي تجربن ذريعي چڱن اخلاقن، محنت، محبت ۽ ڀلائيءَ جو پيغام ڏنو آهي.

هن پنهنجي رسالي ۾ غريب هارين نارين، ڏنارن، پنهوارن ۽ ٻين پورهيتن جي ڪردارن کي پيش ڪيو آهي، جيڪي هر وقت محنت ڪري پنهنجو گذرسفر ڪن ٿا ۽ ڪنهن جي ڪاڻ نہ ٿا ڪين. هن جي نظر ۾ سمورا پورهيت عزت ۽ احترام لائق آهن. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي انسانن کي سهڻا عمل ڪرڻ لاءِ چاهہ ڏياري ٿو ۽ خراب ڪم ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ لاءِ ٿو چوي. پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ محنت، جدوجهد، همت، حوصلي ۽ قربانيءَ جو درس ڏئي ٿو. شاهہ صاحب سنو انسان بنجڻ لاءِ دل مان نفرت ۽ ڪينو ڪڍي وڌائي، ڪاوڙ ۽ ساڙ کان پاسو ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿو. هو يقين ڏياري ٿو تہ نيڪ ڪم لاءِ سچائيءَ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارادو ڪنداسين تہ الله سائين مدد ڪندو ۽ اسين پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ بہ ڪامياب ٿينداسين.

شاهہ سائينءَ ڪي صوفي شاعر بہ چيو ويندو آهي. صوفي الله جي هڪ هئڻ ۾ يقين رکندا آهن. جيڪو پنهنجي سموري مخلوق سان هڪجهڙو پيار ڪري ٿو. ان ڪري صوفين جي نظر ۾ سڀ انسان برابر آهن. انسان ننڍو يا وڏو نہ آهي. دنيا ۾ سيني انسانن سان برابريءَ جي بنياد تي پاڻپيءَ وارو تعلق رکجي ۽ هڪ ٻئي جو احترام ڪجي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجو پيغام اسان تائين پهچائڻ لاءِ جن آکاڻين جو سهارو ورتو آهي، انهن مان ڪن جا نالا هي آهن: عمر مارئي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي، سورٺ راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر ۽ مومل راڻو وغيره. انهن سمورين آکاڻين ۾ جيڪي عورتن جا ڪردار آهن، انهن کي ”شاهہ جون سورميون“ بہ چيو ويندو آهي. جيئن مارئي، سسئي، سهڻي، نوري، سورٺ يا مومل جا ڪردار آهن. شاهہ جي رسالي ۾ مختلف سُر انهن لوڪ آکاڻين يا داستانن تي ٻڌل آهن. جن ۾ اهي سورميون پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون. انهن جي وسيلي شاهہ صاحب ايمان، حب الوطني، جدوجهد، بي ڊپائي، نوڙت، قرباني ۽ پڇتاءَ جا سبق ڏنا آهن، جيڪي اسان کي هِنيين سان هنڊائڻ گهرجن.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ نصيحت جا نُڪتا

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جو پهريون سُر ”سُر ڪلياڻ“ آهي. ”ڪلياڻ“ جي معنيٰ آهي سک ۽ سُڪون. هي راڳ جو به هڪ سُر آهي، جيڪو سانجهيءَ جي وقت ڳائبو آهي. شاهه جي رسالي جي هن پهرئين سُر جي شروعات الله سائينءَ جي ساراهه ۽ حمد سان ٿيل آهي. جنهن ۾ سندس ذات مبارڪ جون ڪيئي وصفون بيان ڪيل آهن. هن ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته الله تعاليٰ جي ذات واحد آهي ۽ اُن جو ڪو شريڪ ۽ برابر ڪو نه آهي. هن رسالي ۾ الله جي طرفان موڪليل آخري رسول محمد ﷺ جي نبوت جو پڻ اقرار آهي ۽ پاڻ سڳورن جي تعريف ۾ ڪيترائي بيت چيل آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جيئن ته صوفي شاعر آهي، ان ڪري سندس ڪلام جو خاص نُڪتو اهو آهي ته الله جي ذات هڪ آهي ۽ هن سموري ڪائنات ۾ سندس ذات جو جلوو سمايل آهي. اُن ريت صوفي اهو مڃين ٿا ته الله پاڻ خالق آهي ۽ سندس خلقيل سموري مخلوق اُن کي پياري آهي، جنهن سان هو هڪ جيترو پيار ڪري ٿو. الله جي مخلوق ۾ اسين سڀ انسان به اچي وڃون ٿا ۽ جيڪڏهن الله سائين سيني سان هڪجهڙي محبت ٿو ڪري ته اسان کي به سيني

انسانن کي برابر سمجهي، انهن سان پيار محبت سان هلڻ گهرجي.

شاهه سائينءَ جي رسالي ۾ هيو سر آهي ”يمن ڪلياڻ“ ان ۾ بين ڳالهين کان سواءِ پاڻ اسان کي سيکاري ٿو ته پنهنجي پاڻ تي ضابطو رکجي ۽ هر ڪنهن سان اخلاق سان پيش اچجي.

”سرسريراڳ“ ۾ شاهه سائين سمنڊ ۽ مهراڻ جي ملاحن ۽ ساموندين جي معرفت دنيا ۾ بهتر زندگي گذارڻ جي سکيا ڏني آهي ۽ ٻڌايو آهي ته جيئن سمنڊ ۾ ٻيڙيون، انهن جا ٻيڙياتا، ملاح وغيره خبرداريءَ سان لنگهي پار پوندا آهن. تيئن هر ڪنهن کي دنيا ۾ خبرداريءَ سان پنهنجي استادن جي هدايتن مطابق زندگي گذارڻ گهرجي.

●●●

## بيت:1

اَولُ، اللهُ، عَليمُ، اعليٰ، عالَمَ جو ڌڻي،
قادرُ پنهنجي قُدرتَ سين، قائم آهي قديمُ،
والِي، واحدُ، وحدهُ، رازقُ ربُ، رَحِيمُ،
سو ساراهِ سچو ڌڻي، چئِي حمد حڪيمُ،
ڪري پاڻ ڪريمُ، جوڙون جوڙَ جهانَ جِي!

| | | | |
|---|---|---|---|
| اول: | پهرين، پهريون | والي: | مالڪ، وارث (الله جو هڪ نالو) |
| عليم: | علم وارو، ڄاڻ وارو (الله جو هڪ نالو) | واحد: | اڪيلو هڪ (الله جو هڪ نالو) |
| اعليٰ: | اوچو برتر، مٿانهون | وَحدَه: | هيڪڙائي وارو، اڪيلائي وارو |
| عالم: | جهان، دنيا | رازق: | رزق ڏيندڙ، روزي رسائيندڙ |
| قادر: | وس وارو، اختيار وارو (الله جو هڪ نالو) | ربُ: | پاليندڙ پالڻهار (الله جي صفت) |
| قدرت: | اختيار، سگهه | رحيم: | رحم ڪندڙ ٻاجهارو (الله جو هڪ نالو) |
| قائم: | موجود، مستقل، بيٺل | | |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم: پراڻو آڳاٽو اڳوڻو هميشه کان — حمد: الله جي تعريف، ثنا، واکاڻ

حڪيم: ڏاهپ وارو ، سياڻو (الله جوهڪ نالو) — جوڙون جوڙ: اڏاوت، پناوت

جهان: دنيا، سنسار ڪائنات

ڪريم: ڪرم ڪندڙ مهربان، ٻاجهارو (الله جو هڪ نالو)

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سُرڪلياڻ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ الله سائينءَ جي ساراهه ڪئي وئي آهي ۽ سندس مختلف وصفون ۽ خوبيون بيان ڪيون ويون آهن ۽ سمجهايو ويو آهي ته الله سائين سڀ کان پهريون، سڀ ڄاڻندڙ سڀني کان اوچو ۽ سموري ڪائنات جو مالڪ آهي. اهو سڀني کان وڌيڪ سگهارو آهي ۽ پنهنجي قدرت ۽ سگهه سان هميشه کان موجود آهي. هو سڀني جو والي وارث آهي، هو هڪ آهي، روزي ڏيندڙ پالڻهار ۽ رحم ڪندڙ آهي. تون سندس ساراهه ڪرڻ لاءِ حڪمت وارو حمد پڙهه. جو ته هو پاڻ ڪرم ڪرڻ وارو مهربان، سڄي دنيا کي جوڙڻ ۽ ناهڻ وارو آهي. تون ان ڏاهپ واري مالڪ ۽ سچي ڌڻيءَ کي ساراهه ۽ ان جي واکاڻ ڪر، جيڪو مهربان پنهنجي ٻاجهه سان ڪائنات ۾ موجود شيون خلقي يا جوڙي ٿو.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 2

وَحدهٗ لا شَريڪَ لَـهُ، جن اُتو سين ايمانَ،
تِن مڃيو محمد ڪارڻي، قَلبَ ساڻ لِسانَ،
اُوءِ فائقَ ۾ فرمان، اَوتَڙِ ڪنهن نہ اوليا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| وحده: | هوهڪ آهي | قَلب: | دل، من |
| لاشريڪ له: | سندس ڪو مَٽ نہ آهي | لِسان: | زبان |
| اُتو: | چَيو | فائق: | قرآن شريف / مٿاهون سڀ |
| سين: | سان | | ڪان وڌيڪ، اعليٰ، اڳرو |
| اِيمان: | عقيدو ويساهه | فرمان: | حڪم |
| ڪارڻي: | ڪارڻ، سبب، دنيا جي | اَوتَڙ: | غلط راهه، خراب تڙ، ڌڪيوپٽڻ |
| | پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ | اوليا: | ڌِڪجي ويا، گِهلجي ويا |

## بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي "سُرڪلياڻ" جو آهي. هن بيت جي معنيٰ آهي تہ جن ماڻهن ويساهه سان چيو تہ الله هڪ آهي ۽ سندس ڪو بہ مَٽ ۽ برابر ڪونهي ۽ انهن دل ۽ زبان سان اهو بہ مڃيو تہ اسان جو پيارو نبي حضرت محمد ﷺ هن دنيا جي پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ آهي، انهن لاءِ قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي، تہ اهڙا ماڻهو ڪڏهن بہ گمراهه ڪو نہ ٿيندا ۽ ڀٽڪي نہ سگهندا. چاڪاڻ تہ پختي ايمان جي لاءِ دل سان ويساهه ۽ زبان سان اقرار ڪرڻ لازم آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 3

پَڙهيو تا پڙهن، ڪَڙهن ڪين قُلوبَ ۾،
پاڙَان ڏوهہ چَڙهن، جِئن وَرق ورائين
وِترا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪَڙهن: | پچائين، هَندائين | وَرقَ: | پنا، صفحا |
| قُلوب: | (قلب جو جمع) دل، مَن | ورائِين: | اُٿلائين، متائين |
| پاڙَان: | پاڙ تي، پاڙيهي | وِترا: | گهڻا، ججها |

### بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سر يمن ڪلياڻ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ سائينءَ علم ۽ عمل جي اهميت بيان ڪئي آهي ۽ اسان کي سمجهايو آهي تہ اسين جيڪي بہ پڙهون ۽ جيترو بہ پڙهون، ان کي سمجهي هِنئين سان هنڊائڻ ضروري آهي. بنا سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ جي نلها پنا اٿلائڻ مان ڪو فائدو ڪرنهي. پاڻ اهو ڏوهہ آهي، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ علم حاصل ڪرڻ سان گڏ ان تي عمل بہ ڪريون.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 4

هُو چَوَنئي، ٿُون مَ چئو، واتان ورائي،
اَڳ اَڳرائِي جو ڪري، خَطا سو ڪائي،
پاندَ ۾ پائي، وِيو ڪِيني وارو ڪِينڪي،

| | | | |
|---|---|---|---|
| چوَنئي: | توڪي چون | خطا: | ڀُل، چڪ، غلطي |
| مَ: | نہ | ڪائي: | نقصان ڪٽي |
| ورائي: | موٽائي، ورندي ڏئي | پاند: | پلئہ، جھولي |
| اڳ: | اڳ ۾، پهرين | ڪينو: | بغض، ساڙ، حسد |
| اڳرائي: | چڙهائي، ڏاڍائي، اُبهرائي | ڪينڪي: | ڪجھ بہ نہ، اصل نہ |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ سائينءَ جي رسالي جي "سريمن ڪلياڻ" مان ورتل آهي. هن بيت ۾ شاهہ صاحب اسان کي سمجهايو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو توهان سان وڙهي يا گستاخي ڪري يا خراب هلت هلي، تہ بہ توهان موٽ ۾ جهيڙو نہ ڪريو ۽ نہ ٿي موٽائي ورندي ڏيو ڇاڪاڻ جو جيڪو ماڻهو اڳرائي ۽ ڏاڍائي ڪري ٿو اُهو غلط آهي ۽ ان جو ئي نقصان ٿيندو آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي دل ۾ ساڙ ۽ حسد رکندو ان کي پڇاڙيءَ ۾ ڪجھ بہ هٿ حاصل نہ ٿيندو آهي ۽ اهڙي ماڻهوءَ کي هميشہ ناڪامي پلئہ پوندي آهي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مشق

(1) سوال

i) ”ڪلياڻ“ جي معنيٰ ڇا آهي؟

ii) الله تعاليٰ جي ڪهڙن نالن جو هنن بيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي؟

iii) اسان جي پياري نبي محمد ﷺ جن جي پيروي ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڇا ٿيندو؟

iv) توهان پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ مان ڇا سمجهيو آهي؟

v) اڳرائي ڪرڻ واري کي ڇا حاصل ٿيندو آهي؟

(2) هيٺين لفظن جا ضد لکو؟

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اعليٰ | | اوتڙ | |
| قديم | | خطا | |
| حرام | | | |

(3) شاهه سائينءَ جا بيان ڪيل نصيحت جا نُڪتا لکو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




ISBN 978-9-6962507-3-9

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان جو شاھ لطيف

(ڪتاب چوٿون)



ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارن لاءِ 'درس لطيف' جو سلسلو

# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب چوٿون)

سهيڙيندڙ

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

صلاحڪار

**تاج جويو ۽ سيد شيرشاهه**


سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

2016ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر 250

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# اسان جو شاهه لطيف (ڪتاب چوٿون)

سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر فهميده حسين

صلاحڪار: تاج جويو ۽ سيد شير شاهه

ڇاپو: پهريون: 2012ع، ٻيو: 2014ع، ٽيون: 2016ع

تعداد: 2000

قيمت: 50/= رپيا

**Catalogue Reference**
Hussain Fahmida, Dr.
Asan Jo Shah Latif
Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-074-6

ASAN JO SHAH LATIF

| | |
|---|---|
| Compiled by: | Dr. Fahmida Hussain |
| Edition: | 1st 2012, 2nd 2014, 3rd 2016 |
| Quantity: | 2000 |
| Price: | Rs. 50 /= |
| Composed by: | Hussain Ahmed & Asadullah Bhutto. |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Sarfraz Rajar Chairman, Sindhi Language Authority National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/s Ali Hussnain & Printing Services, Hyderabad. |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

هيءُ ڪتاب، سرفراز راڄڙ، چيئرمئن سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرز علي حسنين پرنٽنگ سروسز حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس. نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن ڪتاب بابت

هن ڪتاب ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي مان ٽن سُرن "سرڪاموڏ"، "سرليلان چنيسر" ۽ "سرمارئيءَ" مان بيتن جي چونڊ ڪئي وئي آهي.

سُر ڪاموڏ ۾ نوري ڄام تماچيءَ جي ڪهاڻيءَ کان سواءِ ڪينجهر جي قدرتي سونهن، مهاڻن جي رهڻي ڪرڻي، غربت ۽ انسان دوست حاڪم جو ذڪر اچي ٿو.

سُر ليلان چنيسر ۾ لالچ جهڙي انساني عيب، پورڙائپ، ليلا جي پڇتاءَ ۽ چنيسر جي محبت جو موضوع بحث هيٺ آندو ويو آهي.

سُر مارئيءَ ۾ مارئيءَ جي ڪردار کي بيان ڪيو ويو آهي. هن قصي ۾ مارئيءَ جي مختلف گُڻن کي ڳايو ويو آهي: جيئن ظلم ۽ ڏاڍ آڏو نه جهڪڻ، لالچ ۽ لوڀ ۾ نه اچڻ، سڄڻ ۽ ساٿيهه کي نه وسارڻ ۽ پاڪ دامن رهڻ جهڙين وصفن کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

# ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، اسڪولي ٻارن ۾ سنڌ جي سدا حيات شاعرشاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ پيغام کي پهچائڻ لاءِ ’اسان جو شاهه لطيف‘ جي عنوان سان پنج ڪتابڙا پهريون ڀيرو سال 2012ع ۾ شايع ڪرايا هئا. ابتدائي طور هن ڪم جو خيال سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس جي معزز ميمبر ڊاڪٽر سليمان شيخ ڏنو هو ان ڪري پهرئين ۾ ٻئي ڇاپي جون ڪيتريون ئي ڪاپيون سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ هلندڙ ’روشن تارا‘ اسڪولن لاءِ خريد ڪيون ويون.

اسان کي خوشي ٿي آهي جو شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي هڪ خانگي اسڪول ٻه پنهنجي اسڪول ۾ ’درسِ لطيف‘ جو هيءُ سلسلو پڙهائڻ شروع ڪيو آهي ۽ اٿارٽيءَ جو هيءُ سلسلو ’اسان جو شاهه لطيف‘ پنهنجي ڪورس تي رکيو آهي. هن ڪتاب جو هي ٽيون ڇاپو پڻ ان اسڪول جي گهرج کي آڏو رکي شايع ڪرايو پيو وڃي. اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ جي سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن کي پڻ ان ڳالهه تي راضي ڪريون ته اهي پنهنجي نصاب ۾ ’درس لطيف‘ جو هي سلسلو پڙهائڻ شروع ڪن.

مون کي اميد آهي ته هن سلسلي ۾ اسان کي سٺي موٽ ملندي ۽ اٿارٽيءَ پاران ورتل هي ننڍڙي ڪوشش شاهه عبداالطيف ڀٽائيءَ جي آفاقي پيغام ۽ فڪر کي ٻارڙن ۾ روشناس ڪرائڻ سان گڏ انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وڌ ۾ وڌ استعمال جو سبب پڻ بڻبي.

5 مئي، 2016ع
حيدرآباد، سنڌ

سرفراز راڄڙ
چيئرمئن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

سڄي دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ اتان جا تعليمي ماهر ۽ علمي ادارا پنهنجن ڏاهن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سنڌن ڪم جي باري ۾ پنهنجي نئين نسل کي ڄاڻ ۽ آگاهي ڏيڻ لاءِ، انهن جي زندگين توڙي تخليقن بابت ٻاراڻا ايڊيشن ڪيندا آهن ۽ اهي نہ صرف اسڪولن ۾ 'واڌو مددگار مطالعي' (supplementary reading) لاءِ پڙهائڻ ضروري سمجهيا ويندا آهن، پر ٻارن جا مائٽ گهر ۾ انهن جي اڀياس کي همٿائيندا آهن ۽ کين ڪنهن ڪاميابيءَ يا سالگره، وغيره جهڙن موقعن تي سوکڙيءَ طور بہ ڏيندا آهن. انگريزي ٻوليءَ جي وڏي شاعر ۽ ڊرامانگار وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن جا مختصر ٻاراڻا ايڊيشن هجن يا اردوءَ جي شاعر علامہ اقبال بابت 'اسان جو اقبال' نالي سيريز جا ڪتاب، اهي ٻارن ۾ انهن شاعرن بابت وڏي ساڃاهہ پيدا ڪن ٿا.

سال 2012ع ۾ هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي کان اڳ محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ٻڌايو هو تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هلندڙ 25 'روشن تارا' اسڪولن ۾ چوٿين ڪان انين ڪلاس تائين **'شاهہ لطيف'** پڙهايو ويندو آهي، ان لاءِ هُن ڪجهہ ڪتاب بہ تيار ڪرايا هئا. جيڪي انهن اسڪولن ۾ نصابي ڪتابن طور پڙهايا ويندا هئا. بعد ۾ اها خوشخبري بہ ٻڌائي هئائون تہ سنڌ حڪومت بہ اصولي طور اها ڳالهہ قبول ڪئي آهي ۽ جلد ئي ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ٿيڻ وارو آهي، جنهن موجب اسڪولن ۾ **"درسِ لطيف"** جو آغاز ڪيو ويندو.

انهيءَ حوالي سان ان وقت اسان بهتر سمجهيو تہ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بہ سنڌي ٻوليءَ جي معمار ۽ محسن شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان "درسِ لطيف" ڏيڻ لاءِ ننڍڙا ڪتابڙا ڇپرائي، پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان ڏس ۾ پنج ڪتابڙا تيار ڪيا ويا، جن ۾ ٻارن جي عمرين کي ذهن ۾ رکي تمام سؤلا ۽ سبق آموز بيت درجيوار ڏنا ويا. هر هڪ بيت ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيت جي سمجهاڻي ڏني. ٻارن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اخلاقي گڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان ڪم ۾ منهنجا مددگار محترم پروفيسر سيد شيرشاهہ ۽ محترم پروفيسر تاج جويو هئا، جن هنن ڪتابن کي نظر مان ڪيڍيو ۽ تمام سهڻيون صلاحون ڏنيون.

هن وقت هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو شايع ٿي رهيو آهي. مون کي اميد آهي تہ هنن ڪتابڙن ذريعي سنڌ جي ٻارن ۾ اسان جي پياري ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ٿيڻ سان گڏ ساڻس اُنسيت پڻ پيدا ٿيندي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سونهاريءَ سنڌ جو سدا حيات شاعر آهي. جنهن جي ڪلام وارو ڪتاب " شاهه جو رسالو" هر سنڌيءَ جي گهر ۾ لازمي طور هوندو آهي. هن رسالي ۾ ڪيترائي اهم عنوان موجود آهن. جن ۾ دين، دنيا، امن، محبت، ٻڌي، انسان دوستي ۽ وطن دوستي اهم آهن. هو نه رڳو هڪ وڏو شاعر آهي، پر ڏاهو ۽ عالم به آهي، جنهن جو ڪلام ٻوليءَ، ادب ۽ فن سان گڏ اعليٰ خيال جي خوبين سان مالا مال آهي. شاهه سائينءَ جي ڪلام کي غور سان پڙهبو ته اُن ۾ توحيد، رسالت، عبادت، تصوف، انسانيت جهڙا تمام اهم موضوع بيان ٿيل آهن. جيئن ته الله تعاليٰ جي مخلوق ۾ انسان سڀني کان مٿانهون درجو رکي ٿو ۽ کيس "اشرف المخلوقات" سڏيو ويو آهي، ان ڪري سندس تعليم ۽ تربيت لاءِ پيغمبر، ولي، بزرگ صوفي ۽ ڏاها عالم ايندا رهيا آهن. جن پنهنجي پيغام سان انسانن کي اعليٰ زندگي گذارڻ جو ڏس ڏنو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ ڏاهو عالم ۽ صوفي شاعر آهي. جنهن پنهنجي رسالي ۾ بيتن ۽ واين جي ذريعي ڀرپور الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ اُن جي عبادت ۽ رسول پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جي رسالت ۽ سندن اطاعت بابت درس ڏنو آهي. ان کان پوءِ انسانن جي اخلاق ۽ ڪردار کي بلند ڪرڻ ۽ سندن شخصيتن کي سنوارڻ لاءِ ڪيترائي اعليٰ مثال ڏنا آهن. اهڙيءَ ريت شاهه صاحب هڪ استاد ۽ رهبر بنجي رهنمائي ڪئي آهي. هو اسان کي حق ۽ سچ جي راهه تي هلڻ جي صلاح ڏئي ٿو ۽ ڪوڙ ۽ ڪپت کان بچڻ جي تلقين ڪري ٿو ته جيئن هن زندگيءَ ۾ به ڪامياب ٿيون ته آخرت ۾ به سُرخرو رهون.

هونئن ته دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به ڪيترائي ناليوارا شاعر، ڏاها، عالم ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفڪر پيدا ٿيا آهن، جن پنهنجي پنهنجي قوم لاءِ بيمثال پيغام ڏنا آهن. پر شاهه سائينءَ پنهنجي ڪلام ذريعي انسانذات سان محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏيڻ سان گڏ ڏاڍ، ڏهڪاءَ، ظلم يا انصافيءَ سان مهاڏو اٽڪائڻ جو به درس ڏنو آهي ۽ پنهنجي زندگيءَ جي اعليٰ مقصد ۽ منزل کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي راهه ڏسي آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جيئن ته سنڌ سان بيحد محبت ڪندو هو ان ڪري هن سنڌي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، سنڌي سماج جي اندر رسمن رواجن ۽ سنڌ جي تاريخ جي اهم واقعن ۽ ڪردارن جي ڳالهه ڪئي آهي. نه صرف ايترو پر سنڌ جي جاگرافيائي حدن اندر موجود وڻ ٽڻ، ٻوٽا، جانور، پکي پکڻ، جبل، ٽڪر، نئيون، نديون ۽ سمنڊ وغيره ڪلام ۾ آڻي، انهن جي باري ۾ تمام گهڻي ڄاڻ مهيا ڪئي آهي. جنهن جي ڪري سندس رسالو سنڌ بابت هڪ اهم دستاويز بنجي ويو آهي. شاهه سائينءَ جو ڪلام جيئن ته موسيقيءَ جي سرن تي ٻڌل آهي، ان ڪري اهو جهر جهنگ، جهوپڙين، ماڙين، اڪيلائي توڙي مجلسن ۽ محفلن ۾ ڳايو ۽ ٻڌو وبندو آهي ۽ سنڌ جا سمورا ماڻهو ننڍا وڏا، پوڙها پڪا، زالين مڙسين ڪيس ’شاعرن جو سرتاج‘ مڃيندي، سندس مهانتا کي مڃين ٿا.

شاهه لطيف کي مڃڻ وارا رڳو سنڌ جا عالم اديب نه، پر ڪيترا سنڌ کان ٻاهر پاڪستان جا ۽ پاڪستان کان ٻاهر يورپ جي ملڪن جا عالم به آهن، جن ۾ جرمنيءَ جا ڊاڪٽر ٽرمپ، ڊاڪٽر اينميري شمل ۽ جرڊ لُبِڪي، انگلينڊ جو ڊاڪٽر ايڇ. ٽي سورلي به شامل آهن، جن ڪيس دنيا جي تمام وڏن شاعرن ۾ شمار ڪيو آهي.

اسان کي گهرجي ته اسين شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام کي پڙهون، سمجهون ۽ پوءِ اُن تي عمل به ڪريون ته جيئن اسين زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نوري ڄام تماچيءَ جو قصو

سنڌ ۾ سمن جي حڪومت واري دور ۾ ڄام تماچيءَ نالي هڪ اصول پرست ۽ عوام دوست بادشاهه ٿي گذريو آهي. هيءَ ڪهاڻي ڄام تماچيءَ جي نوري مهاڻيءَ سان محبت جو هڪ اڻ وسرندڙ داستان آهي.

ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري غريبي ۽ مسڪيني حال ۾ ڪکن جي جهوپڙين، منهن ۽ ٻيڙين تي ٿهيل مختصر گهرن ۾، سنڌ جي هڪ اهم قبيلي جا ماڻهو رهندا هئا، جيڪي ويچارا غريب ۽ مسڪين، مڇي ماري پيٽ گذر ڪندا هئا. سندن عورتون ڪِڪيون ڪاريون ڪٽي مڇي وڪڻنديون هيون. اهڙي گدلي ۽ بدبودار ۽ هيٺي ماحول ۾ "نوري" نالي مهاڻي پلجي جوان ٿي، جيڪا شڪل شبيهه ۽ هلت چلت ۾ سيني کان سرس هئي.

هڪ ڀيري سنڌ جو سلطان ڄام تماچي شڪار ڪندي اچي ڪينجهر ڪنڌيءَ تي نڪتو ته سندس نظر نوريءَ تي پئي ۽ ڪيس نوريءَ جي سادگيءَ ۽ سونهن وٺي وئي. ذات پات جا وهم وساري، ننڍ وڏائيءَ جا سنڌا ميٽي، حاڪم ۽ محڪوم جا ويڇا ختم ڪري، نوريءَ جو سڱ سندس مائٽن کان گهريائين. مهاڻن به نوريءَ ۽ ڄام تماچيءَ جي شاديءَ جو رشتو خوشيءَ سان قبول ڪيو.

شاديءَ کان پوءِ به نوريءَ، پنهنجي بي پناهه حُسن جي باوجود ۽ راڻيءَ ٿيڻ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ بہ نهنائيءَ ۽ عاجزيءَ کي ڪو نہ وساريو. نوريءَ جي هن گڻ جام کي اجا وڌيڪ موهي وڌو. ڄام تماچي، نوريءَ جو ايترو خيال ڪرڻ لڳو جو ڄام جون ٻيون راڻيون نوريءَ سان ريس ڪرڻ لڳيون. ٻين راڻين ۾ ناز ۽ وڏائي هئي تہ نوريءَ ۾ وري عاجزي ۽ نهنائي هئي.

محلات جي سيني راڻين وڏا هار سينگار ڪيا ۽ حيلا وسيلا هلايا، پر ڄام جي دل کٽي نہ سگهيون. پر نوريءَ جي سچائي، قدرتي سونهن ۽ سادگيءَ ڄام جي دل ۽ دماغ تي اهڙو تہ اثر ڇڏيو جو کيس پٽ راڻي ڪيائين. هڪ طرف وڏ گهراڻين سَمين راڻين جا سينڌ سرما ۽ هار سينگار هئا تہ ٻئي طرف نوريءَ جي سادگي، نماڻائي، نياز ۽ نهنائي، مطلب تہ نوري پنهنجي گڻن سبب مَها راڻيءَ جو درجو حاصل ڪيو ۽ ڄام جي پوري زندگيءَ ۾ ٻي ڪا بہ راڻي نوريءَ جي جاءِ ماڻي نہ سگهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي هن قصي تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ پنهنجي شاعريءَ جي ”سرڪاموڏ“ ۾ هن قصي ذريعي ڄام تماچيءَ جي مهاڻن سان سٺي هلت، غريبن سان همدردي ۽ ذات پات جا ويڇا ختم ڪرڻ کي پڌرو ڪيو آهي ۽ نوري مهاڻيءَ جي ڪردار جي سُونهن ۽ نياز نوڙت جي ساراهہ ڪئي آهي. هن قصي ۾ انساني برابريءَ جو بي مثال درس آهي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت:1

تون سَمُو، آئون گندري، مُون ۾ عَيبن لکَ،
هِنَ منهنجي حال جي، توکي سَڀُ پَرکَ،
ڪارڻ رَب اَلکَ، مَتان ماڳر مَٽيين.

| | | | |
|---|---|---|---|
| سَمو: | ذات، ڄام تماچي، بادشاهہ | ڪارڻ: | سبب، خاطر |
| گندري: | مُهاڻي | رَبَ: | الله تعاليٰ، پالڻهار |
| عيب: | نقص، گهٽتائي، کوٽ | الک: | الله تعاليٰ |
| لَک: | لکين، گهڻا | ماڳر: | مهاڻن جي ذات جي |
| پرک: | سڃاڻ، خبر، ڄاڻ | مَٽيين: | تبديل ڪرين، مُنهن ڦيرين، مٽائين |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي "سُرڪاموڏ" مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ سائينءَ نوريءَ جي عاجزيءَ ۽ نهٺائيءَ جو بيان ڪيو آهي. نوري سنڌ جي حاڪم ڄام تماچيءَ کي عرض ڪري ٿي تہ تون بادشاهہ ۽ راڄ جو مالڪ آهين. پر آءٌ غريب مُهاڻي آهيان. مُون ۾ لکين عيب آهن. توکي منهنجي هن حال جي خبر آهي. تنهنڪري سچي ڌڻيءَ جي واسطي مون غريب کان منهن نہ موڙجانءِ. مطلب تہ نوري مُهاڻي، عجز ۽ نياز سان ڄام تماچيءَ کي منٿ ڪري رشتن جي پارت ڪري ٿي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 2

هيٺ جرُ، مَٿي مَجرُ، ڪَنڌيءَ ڪَونر تَرن،
وَرئي واهوُندنِ، ڪينجَهر ڪٿُوري ٿِئي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| جَر: | زمين اندر پاڻي | واهوندا: | هوا، واءَ جو قسم، اولهه ذڪڻ جي ڪُنڊ جو واءُ |
| مَجرُ: | ڪنڌيءَ جو بُور | | |
| ڪنڌي: | ڪنارو، ڪپر | ڪينجهر: | ڍنڍ جو نالو |
| ڪونر: | ڪنول جا گل | ڪٿوري: | مُشڪ، خوشبوءِ |
| ورئي: | موٽندي، ايندي | | |

### بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي ”سر ڪاموڏ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه سائينءَ سنڌ جي مشهور ڪينجهر ڍنڍ جي فطري خوبصورتي ۽ بي مثال حُسن جو نقش چٽيو آهي ته ڪينجهر ۾ هيٺ صاف شفاف پاڻي آهي، مٿان ڪنڌيءَ جي وٽن ۾ بور آهي. ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي ڪنول جا گل ترندا ڏسڻ ۾ ٿا اچن. جيڪي نهايت دلڪش ۽ وڻندڙ منظر پيش ڪن ٿا. وري جڏهن واهوندي جون وڻندڙ هوائون لڳن ٿيون ته ڪينجهر جي چوڌاري گلن جي واس ڪري خوشبوءِ پکڙجي وڃي ٿي. هن بيت ۾ مجموعي طور ڪينجهر ڍنڍ ۽ اُن جي خوبصورتي بيان ڪيل آهي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مشق

هنن بيتن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي نوريءَ جي روپ ۾ سچائي، سادگي، نهٺائي ۽ عاجزيءَ کي انسان جو بنيادي گڻ ڪري پيش ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ ڪينجهر ڍنڍ جي فطري سونهن جو عڪس به چٽيو آهي.

### 1_ سوال:

1. مٿين بيتن جي روشنيءَ ۾ ٻڌايو ته نوري ذات جي ڪير هئي؟
2. بيتن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟
3. ڄام تماچيءَ کي نوريءَ جي ڪهڙي خوبي پسند آئي؟

**2_** هيٺ بيتن مان ساڳين اکرن ۽ آوازن سان ختم ٿيندڙ لفظ ڏجن ٿا. اوهان ڪجهه ٻيا اهڙا لفظ ڳولي خال پريو؟

(1) آلڪ (2) ...................... (3) ......................

(4) جر (5) ......................

(6) ترن (7) ......................

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليلان چنيسر جي ڪهاڻي

سومرا گهراڻي جو هڪ ناليوارو بادشاهه چنيسر، ديول ڪوٽ تي حڪومت ڪندو هو. چنيسر حُسن، شان شوڪت ۽ دولت وارو بادشاهه هو. چنيسر جي پَٽ راڻي ليلان سندس لاڏلي راڻي هئي. ڪونئروءَ نالي هڪ شاهوڪار عورت چنيسر جي چاهت حاصل ڪرڻ خاطر سندس محلات ۾ ٻانهي ٿي آئي ۽ هميشه وجهه ڳوليندي رهندي هئي ته ڪنهن به طرح ليلان کي هِرڪائي ۽ لالچ ۾ آڻي، چنيسر سان ملڻ جو موقعو حاصل ڪري سگهي.

هڪ ڏينهن ليلان کي، ڪونئروءَ نَوَ لکي قيمتي هار جي لالچ ڏيئي سندس مڙس چنيسر بادشاهه سان رهاڻ جي موڪل ورتي. انهيءَ رات چنيسر بادشاهه ملڪي معاملا نپٽائيندي رات جو دير سان محلات ۾ موٽيو ته ليلان هن کي ننڊاکڙيءَ ڪيفيت ۾ وٺي وڃي ڪونئروءَ جي حوالي ڪيو. صبح جو جڏهن چنيسر بادشاهه ننڊ مان جاڳيو ته ڪونروءَ کي ڏسي پريشان ٿي ويو. ڪونروءَ بادشاهه کي ٻڌايو ته ليلان لالچ ۾ اچي نَوَ لکي قيمتي هار عيوض ڪيس چنيسر سان رهاڻ جو موقعو ڏنو هو. اها ڳالهه ٻڌي چنيسر بادشاهه ليلان تي چڙي پيو ۽ ڪيس پنهنجي دل تان لاهي ڇڏيائين ۽ هن کي پنهنجي ماٽئن ڏانهن موٽائي موڪليائين.

هن واقعي کان پوءِ ليلان جيڪا چنيسر جي پٽ راڻي هئي ۽ راڄ ۾ وڏي مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرتبي واري هُئي، لالچ جي ڪري مڙس جي نظرن مان ڪري پئي. پوءِ ته هن گهڻا حيلا وسيلا ڪيا ۽ چنيسر کي منٿ ميڙ ڪئي، پر چنيسر بادشاهه ليلان جي هڪ به نه ٻڌي آخر آسرو ٽٽلي ڏهاڳ جو داغ کڻي، پنهنجي پيڪن رواني ٿي. ليلان جي اندر ۾ پوءِ به اها آس رهي ته هڪ نه هڪ ڏينهن چنيسر هن جي غلطي معاف ڪري هن کي واپس ساڳيو مرتبو ڏيندو. پر سالن جا سال گذري ويا، چنيسر جي ڪاوڙ ٺنڍي ڪا نه ٿي.

گهڻن سالن کان پوءِ چنيسر بادشاهه پنهنجي وزير جکري جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ليلان جي اباڻي ملڪ پهتو. اتي شاديءَ جي ڪاج ۾ جڏهن اوچتو ٻئي آمهون سامهون ٿيا ته پراڻي محبت کي ياد ڪري صدمي ۾ سندن ساهه جو پکيئڙو اڏامي ويو ۽ هو هن جهان مان موڪلائي ويا.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 1

اللہ! ڏاهِي مَ ٿِيان، ڏاهيون ڏُکَ ڏسن،
مُون سين مون پِرينِ، ٻوراڻيءَ ۾ ٻالَ ڪَيا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏاهي: | سياڻي، عقلمند | ٻوراڻي: | ڪم عقلي، اَڻ ڄاڻائي |
| مَ: | نہ | ٻال: | چڱائي، سنائي، ڀلائي |
| پرين: | محبوب، دوست | | |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي ”سُر ليلان چنيسر“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاھ سائين ٻڌائي ٿو تہ ليلان جنهن سياڻپ سمجهي نَوَ لکي هار عيوض پنهنجي مُڙس جو ڪونئروءَ نالي عورت سان سودو ڪيو هو. اُن ڪي، اها سياڻپ مهانگي پئجي وئي ۽ مرڳو مڙس من تان لاهي ڇڏيس.

ليلان پڇتائيندي الله تعاليٰ کان دعا گهري ٿي تہ اي منهنجا مالڪ! مون کي اهڙو عقل نہ ڏي، جنهن ۾ لالچ شامل هجي. اهڙي عقل واريون سياڻيون مون وانگر ڏک ڏسنديون آهن. پر جڏهن مون کي اهو لالچ وارو عقل نہ هو ۽ جڏهن آءٌ سادي ۽ سچي هيس تہ مون سان منهنجي محبوب مڙس تمام گهڻيون ڀلايون ۽ چڱايون ڪيون.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 2

جي ليلائي مَ لَهين، تَہ پُڻ ليلائيج،
آسر مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ليلائي: | منٿ ڪري | آسَر: | آسرو اُميد |
| لهين: | حاصل ڪرين، پائين | سَڄَڻ: | دوست، خيرخواهہ |
| ليلائيج: | منٿ ڪج | ٻاجهيندڙ: | ٻاجهہ ڪندڙ ٻاجهارو رحم وارو |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي ”سُر ليلان چنيسر“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ: اي ليلانَ توکي پنهنجي مڙس جي رضامنديءَ لاءِ عاجزيءَ سان هينانئين وٺي ٻاڏائڻ ۽ منٿ ڪرڻ گهرجي ۽ الله مان آسرو نہ لاهڻ گهرجي، ڇو تہ اهو رحم ڪرڻ وارو آهي. هن ڳالهہ مان اسان کي اهو سبق ٿو ملي تہ انسان کي پنهنجي رب آڏو هميشہ ۽ هر هر ٻاڏائڻ ۽ منٿ ڪرڻ گهرجي. الله تعاليٰ مان ڪڏهن بہ آسرو لاهڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ ڏاڍو ٻاجهہ ڪندڙ ۽ رحم وارو آهي. نيٺ تہ ٻانهي جو عرض اگهائيندو.

•••



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مشق

لوڀ ۽ لالچ واري سوچ انسان لاءِ ڏکن ۽ خساري جو سبب بڻجي ٿي، پر سچائيءَ ۽ سادگيءَ سان خوشيون نصيب ٿين ٿيون. تنھن ڪري سچائيءَ سان ڏٽيءَ در ڀاڏائڻ گھرجي. ڇاڪاڻ تہ الله سائين نھايت ٻاجھارو ۽ رحم وارو آھي.

## 1_ سوال:

1. شاھ عبداللطيف ڀٽائي ليلان جي زباني ڏک ۽ سک جو ڪارڻ ڇاکي سڏي ٿو؟
2. شاھ صاحب ليلان کي ڪھڙي صلاح ٿو ڏئي؟
3. اُميد ۽ نا اُميديءَ بابت شاھ صاحب ڇا چيو آھي؟

**2_** هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو؟

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڏاھي | | ڀورائي | |
| سڄڻ | | ٻاجھيندڙ | |
| آسرو | | | |

1. شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي سُر ليلان چنيسر تي مختصر نوٽ لکو!
2. سر ليلان چنيسر ۾ شاھ صاحب جي ڏسيل ڳالھ مان اوهان ڇا سکيو آھي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عمر مارئيءَ جو قصو

عمر مارئيءَ جو قصو سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ مشهور آهي. مارئيءَ جي پيءُ جو نالو پالڻو پنهوار ۽ سندس ماءُ جو نالو ماڏوئي هو. هي مسڪين مارو ٿر جي ملير واري علائقي جي ڀالوا ڳوٺ ۾ ٻني ٻاري ۽ مال تي گذر سفر ڪندا هئا. مارئيءَ جو مڱڻو ننڍپڻ ۾ ئي سندس مائٽ کيت سان ٿيل هو. ساڳئي وقت سندن هڪ نوڪر ڦوڳ ٻه مارئيءَ کي پسند ڪندو هو. مارئي سونهن ۾ سيني کان سرس ۽ لڇڻن ۾ لاجواب ڇوڪري هئي. جڏهن جوان ٿي تہ ڦوڳ مارئيءَ جي پيءُ کان سندس سَڱ گهريو پر مارئيءَ جي پيءُ انڪار ڪيو. تنهن تي ڦوڳَ ڪاوڙ ۽ حسد سببان وجي وقت جي حاڪم عمر سومري کي هِرڪايو تہ مارئي جهڙي سهڻي ۽ من موهيندڙ عورت شاهي محلات ۾ ئي سُونهين.

عمر بادشاهہ ڦوڳَ کي ساڻ ڪري مارئيءَ جي ملڪ ملير اچي پهتو. صبح جو جڏهن مارئي پنهنجي سرتين سان کوهہ تي پاڻي ڀرڻ آئي تہ عمر ويسُ بدلائي پاڻي پيئڻ جي بهاني مارئيءَ جي پرسان اچي، کيس ڪنيپي ڪڍي اُٺ تي ويهاريو ۽ اچي عمر ڪوٽ ۾ قيد ڪيو. عمرَ، مارئيءَ کي لالچ ڏيندي چيو تہ تون منهنجي پٽَ راڻي ٿي ويهہ، پر مارئيءَ بنهہ انڪار ڪيو. جڏهن عمر گهڻو ستايس تہ هن کي چوڻ لڳي تہ: کيت سان منهنجو سڱ ٿيل آهي، سو آءٌ ڪنهن ٻئي جي ٿي نہ ٿي سگهان. مون کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪل ڏي تہ موٽي ملير وڃان.

عمر جي قيد ۾ بند ۾ رهندي، مارئي رات ڏينهن پنهنجن اباڻن، جيڏين سرتين ۽ وطن کي ساري جُهرندي ۽ جِهجندي رهي. عمر جي پٽ پٽيهرن، بخمل ۽ بافتن کي اباڻي لوئيءَ جي مَٽ نہ ڪيائين. عمر جي سون ۽ چانديءَ جي ڳهن، عطر عنبيرن، شاهي طعامن ۽ ميون مناين کي پنهنجي اباڻن جي سادي رهڻي ڪهڻيءَ، ڏٿ ۽ ڏونئرن جي برابر نہ سمجهيائين.

عمر وٽ قيد دوران مارئيءَ جو من محلن ۾ مُنجهندو رهيو. عمر کي عرض ڪيائين تہ جيئري مارُن جو منهن ڪو نہ ڏٺم، پر جي وطن لاءِ واجهائيندي مري وڃان تہ مهرباني ڪري منهنجو مڙهہ ملير موڪلجانءِ، تہ جيئن ڏاڏاڻي ڏيهہ جي ولڙين جو واس مون کي نصيب ٿئي.

مارئيءَ جي اها ڪيفيت ڏسي عمر بيوس ٿي پيو ۽ مارئيءَ کي پنهنجي پيڻ ڪري ملير پُڄائي آيو. مارئيءَ پنهنجي عزت آبرو سنڀالي رکي، هوءَ پنهنجي مائٽن ۽ محبوب وطن ۾ ماڳ سان سچي رهي. عمر سومري پنهنجي آڻ مڃي ۽ مارئيءَ کي سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيئي پنهنجي ملڪ ملير روانو ڪيو.

مارئيءَ جي سچائي، همت، بي ڊپائي ۽ پاڪدامني توڙي ساٿيهہ جي سڪ ۽ مارن جي محبت کي ڏسي شاهہ صاحب تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ مارئيءَ جي ڪردار، ملير، ڏُٿ، چانگن ۽ چيلڙن، لوئيءَ ۽ لج کي هڪ ڏار سُر ۾ سمائي، هن کي هڪ اهڙو مثال ڪري پيش ڪيو آهي، جو هر انسان، عورت توڙي مرد سندس ڪردار جهڙو ٿيڻ ٿو چاهي. مارئيءَ طرفان. لالچ، قيد ۾ بند جون تڪليفون سهڻ ۾ وقت جي وڏيءَ طاقت سان مهاڏو اٽڪائڻ جو حوصلو اسان لاءِ سبق آهي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 1

جيها جي تيها، مون مارو مجيا،
مون جيڏيون ملير ۾، چوندِين موڪَ ميها،
منهنجي آهه اِها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي!

| | | | |
|---|---|---|---|
| جيها: | جهڙا | ميها: | ياجيءَ جو قسم |
| تيها: | تهڙا | آهه: | رڙ صدا، دانهن |
| موڪَ: | گهٽا، جڄها | ڪوٽ: | محل، قلعو |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي 'سُر مارئيءَ' مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ مارئي چوي ٿي ته منهنجا مارو مائٽ جهڙا به آهن، غريب مسڪين، ميرا سيرا، تهڙا ئي مون کي قبول آهن، ڇو ته اُهي منهنجا پنهنجا آهن. منهنجي ڳوٺ ملير ۾ منهنجيون سرتيون ۽ جيڏيون جڄها ميها ۽ ٻيون ياجيون چونڊينديون هونديون، اُنهن سان ملڻ لاءِ منهنجي دل دانهون پئي ڪري ۽ ڏکي دل جي دانهن ۽ آهه هڪ ڏينهن ضرور عمر بادشاهه جي ڪوٽ قلعن کي ڪيرائيندي ۽ آءٌ آزاد ٿي پنهنجي ملڪ ملير ويندس.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 2

اِيءَ نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مَٽائن سونَ تي،
اَچي عُمرڪوٽ ۾، ڪَندِيَس ڪانہَ ڪُريت،
پَکن جي پريتِ، ماڙين سين نہ مٽيان.

اِيءَ: اِها

ريت: رسم، رواج

سيڻَ: مٽ مائٽ، عزيز

مٽائن: بدلائن

ڪُريت: خراب روش، ڪني ريت

پريت: محبت، سڪ، اُڪير

ماڙي: محلات

مَٽيان: بَدلايان

عمر ڪوٽ: علائقو شهر، جتي عمر بادشاهہ جو محل هو (هن وقت عمر ڪوٽ کي ضلعي جي حيثيت حاصل آهي)

### بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي "سُر مارئيءَ" مان چونڊيو ويو آهي. شاهہ سائين مارئيءَ جي زباني عمر سومري کي جواب ڏيندي چوي ٿو تہ: اي عمر سومرا! اهو اسان غريب مارُوئڙن جو دستور ۽ رواج نہ آهي، جو سون ۽ دولت جي لالچ ۾ اچي. پنهنجيون مٽيون مائٽيون بدلايون ۽ پنهنجا ناتا ٽوڙيون. هتي عمرڪوٽ ۾ اچي آءٌ ڪا اهڙي ڪُڏي روش اختيار نہ ڪنديس ۽ ڪو بہ اهڙو ڪچو ڪم ڪانہ ڪنديس، جو منهنجي مٽن مائٽن ۽ مٽيءَ تي ڪو حرف اچي. مون کي پنهنجي اباڻن ڪکن ۽ مٽيءَ سان جيڪا محبت آهي، اُها تنهنجي ماڙين عيوض هرگز نہ مٽائينديس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 3

اللهُ! ائين مَ هوءِ جيئن آءُ مَران بندَ ۾
جُسو زنجيرن ۾ راتو ڏينهان روءِ
پَهرين وَجان لوءِ پوءِ مَر پُڄنم ڏينهڙا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| الله ائين م هوءِ: | اي الله ائين نہ ٿئي | روءِ: | روئي ٿو رڙي ٿو |
| بند: | قيد | لوءِ: | وطن، ساٿيھ |
| جُسو: | وُجود، جسم | مَر: | ڀَلُ |
| راتو ڏينهان: | ڏينهن رات | پُڄنم: | منهنجا پورا ٿين |

## بيت جي سمجهاڻي

هي ۽ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي ”سُرمارئيءَ“ مان چونڊيو ويو آهي، جنهن ۾ شاهہ سائين مارئيءَ جي زباني پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار ڪيو آهي. مارئي چوي ٿئي تہ اي الله سائين! متان ائين نہ ٿئي، جو آءُ هتي قيد ۾ ئي مَري وَڃان، منهنجو جسم زنجيرن ۾ قيد آهي، پر پوءِ بہ رات ڏينهن پنهنجي ماروئڙن لاءِ پڪاريندي رَهان ٿي. منهنجي هيءَ آس آهي تہ پهرين پنهنجي وطن وڃان، پوءِ ڀل منهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ٿين ۽ مري وڃان.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مشق

هنن بيتن ۾ حب الوطني، پنهنجن هم وطنن سان وفاداري، قيد ۾ ڏاڍاين باوجود پنهنجي اصول تي قائم رهڻ ۽ انسان لاءِ پاڪيزگي قائم رکڻ جو پيغام ڏنو ويو آهي، چاڪاڻ ته انسان جيستائين پنهنجي مٽيءَ ۽ پنهنجي مائٽن سان سچو نه آهي، تيستائين هن جي شخصيت اڻپوري آهي.

## سوال:

1. مارئيءَ کي عمر ڪهڙي سبب جي ڪري اغوا ڪيو؟
2. قيد ۾ مارئيءَ جي حالت ڪيئن هئي؟
3. قيد واري پوري عرصي ۾ مارئيءَ جو عمر سان سلوڪ ڪيئن رهيو؟
4. مارئيءَ سان قيد ۾ عمر سومري ڪهڙو ورتاءُ ڪيو؟

بيت جي سٽن جي آخر ۾ آيل هم آواز لفظن کي قافيو چئبو آهي. هيٺ ڪجهه اهڙا لفظ لکجن ٿا. اوهان ڪجهه وڌيڪ اهڙا لفظ ڳولي لکندا؟

(1) ريت ....................(2) ....................(3)

(4) جيها ....................(5) ....................(6)

**نوٽ:** مارئيءَ جي ڪردار تي تفصيلي نوٽ لکو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




ISBN 978-9-6962507-4-6

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# اسان جو شاھ لطيف

(ڪتاب پنجون)



ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارن لاءِ 'درس لطيف' جو سلسلو

# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب پنجون)


سهيڙيندڙ

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

صلاحڪار

**تاج جويو ۽ سيد شيرشاهه**



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

2016ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (251)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# اسان جو شاهه لطيف (ڪتاب پنجون)


سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر فهميده حسين

صلاحڪار: تاج جويو ۽ سيد شير شاهه

ڇاپو: پهريون: 2012ع. ٻيو: 2014ع. ٽيون: 2016ع

تعداد: 2000

قيمت: 50/- رُپيا

ٻاران: ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Catalogue Reference**
Hussain Fahmida, Dr.
Asan Jo Shah Latif
Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-075-3

ASAN JO SHAH LATIF

| | |
|---|---|
| Compiled by: | Dr. Fahmida Hussain |
| Edition: | 1st 2012, 2nd 2014, 3rd 2016 |
| Quantity: | 2000 |
| Price: | Rs. 50 = |
| Composed by: | Hussain Ahmed & Asadullah Bhutto. |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Sarfraz Rajar Chairman, Sindhi Language Authority<br>National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M s Ali Hussnain & Printing Services. Hyderabad. |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

هيءُ ڪتاب، سرفراز راجڙ، چيئرمين سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرز علي حسنين پرنٽنگ سروسز حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن ڪتاب بابت

هن ڪتاب ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي مان"سُرمومل راڻي". "سُر سهڻي" ۽ "سَسئيءَ جي پنجن سرن" مان ڪجهه چونڊ بيت ڏنا ويا آهن.

- سر مومل راڻي ۾، "مومل ۽ راڻي" جي ڪهاڻيءَ جي پس منظر ۾، راڻي جي روپ ۾ انساني ڪردار ۾ ، سورهيائي ۽ ڏاهپ جهڙا موضوع آهن تہ ٻئي طرف مومل جي وڇوڙي ۽ وري ملڻ جي اميد جي ڪيفيت پڻ هن ڪتاب جو موضوع آهي.

- سُر سهڻيءَ ۾ سنڌو درياهہ جي موج ۽ مستيءَ واري زماني ۾ اُن جي دهشت ۽ ان سان تعلق رکندڙ ماحول جي عڪاسي ڪيل آهي. اهڙي ماحول ۾ "سهڻي ميهار" واري واقعي جي سورمي سهڻيءَ جي همت ۽ بي ڊپائيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي.

- "سسئي پنهونءَ" جي داستان ۾ وري ڪيچ مڪران جي شهزادي پنهونءَ ۽ سنڌ جي سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ جي پس منظر ۾ اُن دور جي وڻج ۽ واپار، طبقاتي اوچ نيچ، سسئيءَ جي جابلو سفر جي ڏکن ۽ تڪليفن جو ذڪر ڪيل آهي. هن ڪتاب ۾ شامل بيتن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ عورت کي پنهنجي روايتي وفا ۽ سچائيءَ واري ڪردار ۾ ڏيکاريو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، اسڪولي ٻارن ۾ سنڌ جي سدا حيات شاعرشاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ پيغام کي پهچائڻ لاءِ 'اسان جو شاهه لطيف' جي عنوان سان پنج ڪتابڙا ڇپرايا هئا. ابتدائي طور هن ڪم جو خيال سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس جي معزز ميمبر ڊاڪٽر سليمان شيخ ڏنو هو. ان ڪري پهرئين ۽ ٻئي ڇاپي جون ڪيترئون ئي ڪاپيون سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ هلندڙ 'روشن تارا' اسڪولن لاءِ خريد ڪيون ويون.

اسان کي خوشي ٿي آهي جو شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي هڪ خانگي اسڪول به پنهنجي اسڪول ۾ 'درسِ لطيف' جو هيءُ سلسلو پڙهائڻ شروع ڪيو آهي ۽ اٿارٽيءَ جو هيءُ سلسلو 'اسان جو شاهه لطيف' پنهنجي ڪورس تي رکيو آهي. هن ڪتاب جو هي ٽيون ڇاپو پڻ ان اسڪول جي گهرج کي آڏو رکي شايع ڪرايو پيو وڃي. اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ جي سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن کي پڻ ان ڳالهه تي راضي ڪريون ته اهي پنهنجي نصاب ۾ 'درس لطيف' جو هي سلسلو پڙهائڻ شروع ڪن.

مون کي اميد آهي ته هن سلسلي ۾ اسان کي سٺي موٽ ملندي ۽ اٿارٽيءَ پاران ورتل هي ننڍڙي ڪوشش شاهه عبداالطيف ڀٽائيءَ جي آفاقي پيغام ۽ فڪر کي ٻارڙن ۾ روشناس ڪرائڻ سان گڏ انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وڌ ۾ وڌ استعمال جو سبب پڻ بڻبي.

5 مئي، 2016ع
حيدرآباد، سنڌ

سرفراز راڄڙ
چيئرمئن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي ٻارن

سڄي دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ اتان جا تعليمي ماهر ۽ علمي ادارا پنهنجن ڏاهن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سنڌن ڪم جي باري ۾ پنهنجي نئين نسل کي ڄاڻ ۽ آگاهي ڏيڻ لاءِ انهن جي زندگين توڙي تخليقن بابت ٻارائتا ايڊيشن ڪڍندا آهن ۽ اهي نہ صرف اسڪولن ۾ 'واڌو مددگار مطالعي' (supplementary reading) لاءِ پڙهائڻ ضروري سمجهيا ويندا آهن. پر ٻارن جا مائٽ گهر ۾ انهن جي اڀياس کي همٿائيندا آهن ۽ ڪين ڪنهن ڪاميابيءَ يا سالگره وغيره جهڙن موقعن تي سوکڙيءَ طور بہ ڏيندا آهن. انگريزي ٻوليءَ جي وڏي شاعر ۽ ڊرامانگار وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن جا مختصر ٻارائتا ايڊيشن هجن يا اردوءَ جي شاعر علامہ اقبال بابت 'اسان جو اقبال' نالي سيريز جا ڪتاب، اهي ٻارن ۾ انهن شاعرن بابت وڏي ساڃاهہ پيدا ڪن ٿا.

سال 2012ع ۾ هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي کان اڳ محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ٻڌايو هو تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هلندڙ 25 'روشن تارا' اسڪولن ۾ چوٿين ڪان اٺين ڪلاس تائين **'شاهہ لطيف'** پڙهايو ويندو آهي، ان لاءِ هُن ڪجهہ ڪتاب بہ تيار ڪرايا هئا. جيڪي انهن اسڪولن ۾ نصابي ڪتابن طور پڙهايا ويندا هئا. بعد ۾ اها خوشخبري بہ ٻڌائي هئائون تہ سنڌ حڪومت بہ اصولي طور اها ڳالهہ قبول ڪئي آهي ۽ جلد ئي ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ٿيڻ وارو آهي. جنهن موجب اسڪولن ۾ **"درسِ لطيف"** جو آغاز ڪيو ويندو.

انهيءَ حوالي سان ان وقت اسان بهتر سمجهيو تہ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بہ سنڌي ٻوليءَ جي معمار ۽ محسن شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان "درسِ لطيف" ڏيڻ لاءِ ننڍڙا ڪتابڙا ڇپرائي، پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان ڏس ۾ پنج ڪتابڙا تيار ڪيا ويا. جن ۾ ٻارن جي عمرين کي ذهن ۾ رکي تمام سؤلا ۽ سبق آموز بيت درجيوار ڏنا ويا. هر هڪ بيت ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيت جي سمجهاڻي ڏني. ٻارن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اخلاقي گڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان ڪم ۾ منهنجا مددگار محترم پروفيسر سيد شيرشاهہ ۽ محترم پروفيسر تاج جويو هئا، جن هنن ڪتابن کي نظر مان ڪڍيو ۽ تمام سٺيون صلاحون ڏنيون.

هن وقت هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو شايع ٿي رهيو آهي. مون کي اميد آهي تہ هنن ڪتابڙن ذريعي سنڌ جي ٻارن ۾ اسان جي پياري ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ٿيڻ سان گڏ ساڻس اُنسيت پڻ پيدا ٿيندي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام واري ڪتاب کي ”شاهہ جو رسالو“ چيو ويندو آهي. هن رسالي ۾ 30 سُر آهن. انهن کي سُر ان ڪري ٿا چون، جو اهو ڪلام موسيقيءَ جي سرن تي ٻڌل آهي ۽ انهيءَ کي ڳايو ويندو آهي. انهن مان سڀ کان پهريون سُر ”سر ڪلياڻ“ آهي. ”ڪلياڻ“ جو مطلب آهي سُک ۽ شانتي. هن سر ٻڌڻ سان دل کي خوشي ۽ روح کي راحت ملي ٿي.

سرڪلياڻ الله سائينءَ جي ساراهہ سان شروع ٿئي ٿو. جيڪو هن دنيا جو خالق ۽ مالڪ آهي. ان ڪانپوءِ هن سُر ۾ اسان جي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جي مبارڪ ذات جا ڳڻ بہ بيان ڪيل آهن. جنهن اسان تائين الله سائينءَ جو پيغام پهچايو.

شاهہ جي رسالي جا ٻيا سُر هي آهن:

”سُريمن ڪلياڻ“، ”سُرکنڀات“، ”سُر سريراڳ“، ”سُرسامونڊي“ ”سُر سهڻي“، ”سُر سسئي آبري“، ”سُرمعذوري“، ”سُرديسي“، ”سُرڪوهياري“، ”سُر حسيني“، ”سُرليلان چنيسر“،سُرمومل راڻو“، ”سُرمارئي“، ”سُرڪاموڏ“، ”سُرگهاتو“، ”سُرسورٺ“، ”سُرڪيڏارو“، ”سُرسارنگ“، ”سُرآسا“، ”سُررپ“، ”سُرکاهوڙي“، ”سُربروو سنڌي“، ”سُررامڪلي“، ”سُرڪاپائتي“، ”سُرپورب“، ”سُرڪارايل“، ”سُرپرڀاتي“، ”سُرڏهر“ ۽ ”سُربلاول“.

مٿي بيان ڪيل سُرن مان ڪيترائي سر سنڌ جي لوڪ قصن ۽ انهن جي ڪردارن تي ٻڌل آهن. سر سهڻي مشهور لوڪ قصي ”سهڻي ميهار“ تي: سرسسئي آبري، سر معذوري، سرديسي، سرڪوهياري، سرحسيني ــ پنج سُر، مشهور لوڪ قصي ”سسئي پنهونءَ“ تي، سر ليلان چنيسر لوڪ قصي، ”ليلان چنيسر“ تي، سر مارئيءَ ”عمر

مارئيءَ“ تي، سرمومل راڻو ”مومل راڻي“ تي، سرڪاموڏ، ”نوري ڄام تماچيءَ“ تي ۽ سُر سورٺ، ”سورٺ راءِ ڏياچ“ جي مشهور لوڪ قصن تي ٻڌل آهن. شاهه صاحب پنهنجي پيغام کي سمجهائڻ لاءِ انهن قصن کي مثال بنايو آهي، ڇو ته سنڌ ۾ اهي قصا عام ماڻهن ۾ اڳئي مشهور هئا ۽ اڃا تائين به مشهور آهن.

شاهه صاحب جيئن ته هڪ شاعر هئڻ سان گڏ، سنڌي ماڻهن جو رهبر ۽ رهنما به آهي، ان ڪري سنڌس ڪلام کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ مختلف عالمن سندس رسالي جا ڇاپا ڪڍيا ۽ پنهنجي طرفان ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيتن جون سمجهاڻيون لکيون. انهن رسالن مان ڪي هي آهن:

سڀ کان پهرين شاهه صاحب جي وفات کانپوءِ سندس فقيرن جي يادگيريءَ جي مدد سان تيار ڪيل رسالي کي ”گنج شريف“ چيو وڃي ٿو. ان کانپوءِ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، غلام محمد شهواڻي، علامه آءِ آءِ قاضي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ٻانهي خان شيخ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙن عالمن شاهه جي رسالي جا مختلف نسخا ترتيب ڏئي ڇپرايا.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي هن رسالي ۾ مختلف سُرن ۾ ڌار ڌار موضوعن تي بيت چيا آهن، جيڪي سڀئي اسان جي رهنمائي ڪندڙ آهن.

انهن موضوعن ۾ توحيد، رسالت، امامت، عدالت ۽ قيامت، حب الوطني، جدوجهد، قرباني، مستقل مزاجي، خودداري، عاجزي ۽ ٻچتاءَ جهڙا موضوع شامل آهن. شاهه جي رسالي ۾ شاهه صاحب سنڌ سان پنهنجي محبت جو ثبوت ڏيندي، اُن جي ماڻهن، سندن رهڻي ڪهڻي، سوچ ويچار ۽ سياسي سماجي حالتن جو چٽو عڪس پيش ڪيو آهي. ان کانسواءِ هتان جا ماڳ مڪان، تاريخي اهڃاڻ ۽ اعليٰ شخصيتون پڻ هن رسالي ۾ موجود آهن. انهن ڪري سان شاهه صاحب نه صرف انهن کي اهميت سان بيان ڪيو آهي، پر اسان کي انهن جي باري ۾ سڃاڻ ڏني آهي.

”شاهه جو رسالو“ سنڌ جي ماڻهن لاءِ ايترو اهم آهي، جو اهو لازمي طور هر گهر ۾ موجود هوندو آهي ۽ اسان جا بزرگ، خاص ڪري وڏڙيون عورتون، ڳالهه ٻولهه ۾ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارئيءَ“ تي؛ سرمومل راڻو ”مومل راڻي “ تي، سرڪاموڏ ”نوري ڄام تماچيءَ“ تي ۽ سُر سورٺ ”سورٺ راءِ ڏياچ“ جي مشهور لوڪ قصن تي ٻڌل آهن. شاهه صاحب پنهنجي پيغام کي سمجهائڻ لاءِ انهن قصن کي مثال بنايو آهي، ڇو تہ سنڌ ۾ اهي قصا عام ماڻهن ۾ اڳئي مشهور هئا ۽ اڄا تائين بہ مشهور آهن.

شاهہ صاحب جيئن تہ هڪ شاعر هئڻ سان گڏ، سنڌي ماڻهن جو رهبر ۽ رهنما بہ آهي، ان ڪري سنڌس ڪلام کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ مختلف عالمن سندس رسالي جا ڇاپا ڪڍيا ۽ پنهنجي طرفان ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيتن جون سمجهاڻيون لکيون. انهن رسالن مان ڪي هي آهن:

سڀ کان پهرين شاهہ صاحب جي وفات کانپوءِ سندس فقيرن جي يادگيريءَ جي مدد سان تيار ڪيل رسالي کي ”گنج شريف“ چيو وڃي ٿو ان کانپوءِ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، غلام محمد شهواڻي، علامہ آءِ. آءِ قاضي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ٻانهي خان شيخ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙن عالمن شاهہ جي رسالي جا مختلف نسخا ترتيب ڏئي ڇپرايا.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي هن رسالي ۾ مختلف سُرن ۾ ڌار ڌار موضوعن تي بيت چيا آهن. جيڪي سڀئي اسان جي رهنمائي ڪندڙ آهن.

انهن موضوعن ۾ توحيد، رسالت، امامت، عدالت ۽ قيامت، حب الوطني، جدوجهد، قرباني، مستقل مزاجي، خودداري، عاجزي ۽ پڇتاءَ جهڙا موضوع شامل آهن. شاهہ جي رسالي ۾ شاهہ صاحب سنڌ سان پنهنجي محبت جو ثبوت ڏيندي، اُن جي ماڻهن، سنڌن رهڻي ڪهڻي، سوچ ويچار ۽ سياسي سماجي حالتن جو چٽو عڪس پيش ڪيو آهي. ان کانسواءِ هتان جا ماڳ مڪان، تاريخي اهڃاڻ ۽ اعليٰ شخصيتون پڻ هن رسالي ۾ موجود آهن. ائين ڪرڻ سان شاهہ صاحب نہ صرف انهن کي اهميت سان بيان ڪيو آهي، پر اُسان کي انهن جي باري ۾ سٺي ڄاڻ ڏني آهي.

”شاهہ جو رسالو“ سنڌ جي ماڻهن لاءِ ايترو اهم آهي، جو اهو لازمي طور هر گهر ۾ موجود هوندو آهي ۽ اسان جا بزرگ، خاص ڪري وڏڙيون عورتون، ڳالهہ ٻولهہ ۾ ان جا بيت ڏينديون آهن ۽ انهن بيتن مان ڪيتريون سٽون سنڌي ٻوليءَ ۾ چوڻين طور استعمال ڪيون وينديون آهن.

# مومل راڻي جي ڪهاڻي

مومل، راجا نند نالي هڪ بادشاهه جي ڌيءَ هئي، جيڪو ميرپور ماٿيلي جو راجا هو. راجا نند کي ڪل نَوَ ڌيئرون هيون، پر مومل انهن مان سيني کان سونهن ۾ سرس ۽ سومل وري سيني کان سياڻپ ۾ وڌيڪ هئي. راجا نند وٽ ڪنهن جانور جو طلسمي ڏند هو جنهن جي جادوءَ تي هو درياهه جي پيٽ ۾ پنهنجو خزانو پوري چڏيندو هو. هڪ پيري ڪو جادوگر، پينو فقير جو روپ وٺي راجا جي غير موجودگيءَ ۾ اهو طلسمي ڏند مومل کان دوکي سان حاصل ڪري ويو ۽ پوءِ بادشاهه جو درياهه ۾ لڪل سمورو خزانو ڪڍي چورائي ويو.

اها خبر جڏهن راجا نند کي پيئي تہ مومل تي ڏاڍو ناراض ٿيو پر سومل جي سياڻپ مومل کي مهلت ڏياري ۽ پيءُ کي ان کان وڌيڪ خزاني ڏيڻ جو واعدو ڪيائين. سومل جادوءَ جي ڪمن ۾ گهڻي هوشيار هئي، سو ويهي ويچار ڪيائين تہ ڪو اهڙو منڊ منڊجي، جو خزانو هٿ ڪري سگهجي. اها ست ستي، پينرن، پانهين ۽ نوڪرياڻين کي ساڻ ڪري ميرپور ماٿيلو ڇڏي، جيسلمير ويجهو لڊاڻي شهر پرسان ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي وچي هڪ طلسمي رنگ محل ٺهرايائين. هن محل جي چوڌاري هڪ پرڪشش باغ رکرايو ويو. هن باغ ۾ اهڙا ورن وڪڙن وارا ڏکيا رستا ٺهرايا ويا، جو هڪ پيرو جيڪڏهن ڪو پلجي پيو تہ پيهر ان کي وات ملڻ مشڪل تي ٿي پئي. محلات جي مُهڙ وٽ وري هڪ شيشي جو تلاءُ ٺهرايو ويو، جنهن ۾ طلسمي پاڻيءَ جو وهڪرو ڏسڻ ۾ تي آيو. محلات جي چئني طرفن کان جادوئي جانورن جي آوازن ماڻهن جي مت منجهائي تي ڇڏي. مهمان خاني ۾ هڪ جهڙيون کٽون رکيل هيون، جن مان هڪ پڪي سُٽ جي ۽ باقي ڪچي سُٽ جون واڻيل هيون. کٽن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيئان گهرا ۽ خوفناڪ ڪوهه ڪوتيل هئا. جن جي تري ۾ لوهي ڪِل لڳل هئا.

مومل جي سُونهن جو ٻڌي گهڻائي شوقين شهزادا ڏيساور ڏوري مومل ماڻڻ لاءِ ايندا هئا. انهن ۾ هڪ راڻو مينڌرو به هو. راڻو نهايت هوشيار ۽ بهادر شخص هو. هڪ ڏينهن اهو مومل ماڻڻ لاءِ لُڏائي اچي پهتو. راڻي جي پهرين ملاقات مومل جي خاص ٻانهيءَ ناتر سان ٿي. ناتر راڻي کي ڀلائڻ لاءِ طرحين طرحين جون چالبازيون ڪيون. پر راڻي جي سياڻپ کان بچي نه سگهي. آخرڪار راڻو پنهنجي سياڻپ ۽ سورهيائيءَ سان ڪاڪ جو سمورو طلسمي ماحول پار ڪري وڃي مومل وٽ پهتو. ايئن هنن ٻنهي جي شادي ٿي وئي.

ڪجهه عرصو مومل سان گڏ رهڻ کان پوءِ. مومل کي واپس ورڻ جا اقرار انجام ڏئي راڻو پنهنجي وطن واپس وريو. جڏهن پنهنجي ملڪ ڍٽ پهتو ته ڍٽ جي حاڪم هَمير سومري. راڻي کي قيد ڪري ڇڏيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڪن چڱن جي چوڻ تي بادشاهه همير راڻي کي قيد مان آزاد ڪيو.

هڪ رات راڻو وڃهه وني مومل جي ماڙيءَ تي پهتو ته ڏٺائين ته مومل سان گڏ هڪ شخص مرداڻي ويس ۾ ستل هو. ان تي راڻو پنهنجو لڪڻ مومل جي پير ۾ نشانيءَ طور رکي واپس ڍٽ موٽي ويو.

دراصل ان رات مومل جي ڀيڻ سومل مردانا ڪپڙا پائي ساڻس گڏ سُتي هئي. صبح جو جڏهن مومل جاڳي ته پنهنجي پرسان لڪڻ ڏسي هڪدم سمجهي وئي ته راڻو رات آيو هو ۽ سومل کي مرداڻي ويس ۾ غير مرد سمجهي رُسي ويو آهي. پوءِ ته راڻي ڏانهن گهڻائي قاصد موڪليائين. پر رٺل راڻو نه موٽيو.

نيٺ مومل کان وڌيڪ اوسيئڙو سَنو نه ٿيو. سو اتڪل ڪري ويس بدلائي وڃي راڻي جي ملڪ پهتي ۽ ڪنهن حيلي بهاني راڻي کي سچي حقيقت ٻڌايائين. پر راڻو نه پرتو. جڏهن مومل راڻي جي پرچائڻ جا سڀ حيلا وسيلا هلائي چُڪي ۽ راڻو راضي نه ٿيو ته مايوس ٿي وئي. پوءِ حالتون اهڙيون وڃي ٿيون جو پهرين مومل ۽ پوءِ راڻي هڪ ٻئي پٺيان موت قبول ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 1

ڪاڪِ ڪَڙهي وَڻَ وڻا، لُونو لُڊاڻو،
تو پُڄاڻا سُپرين، آتڻ اُجهاڻو،
مُيْن سين ماڻو، ناهِ مُناسب ميندرا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪاڪِ: | نديءَ ۽ شهر جو نالو | آتڻ: | اڱڻ، سَٽ ڪَتڻ لاءِ جاءِ، آستانو |
| ڪڙهي: | ٻري، سڙي | اُجهاڻو: | وساڻو، ختم ٿيو |
| وڻ وڻا: | وڻ ختم ٿي ويا، سڙي ويا | مُين: | مُٺل عورتن، اڏ ڪُٺلن |
| لوڻو: | سڙي ويو، تباهه ٿي ويو | ماڻو: | نخرو، ناز انگل |
| لڊاڻو: | شهر، راجستان جو شهر لڊاڻو | مناسب: | جائز، نهندڙ |
| پڄاڻان: | ڪان پوءِ | ميندرا: | راڻي جو نالو (راڻو) |
| سپرين: | محبوب، پرين، پيارو سجڻ، دوست | | |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سرمومل راڻي“مان کنيو ويو آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته راڻي جي رسي وڃڻ کان پوءِ ڪاڪ جو شهر برباد ٿي ويو آهي، وڻ سُڪي ويا آهن. مومل جو آستانو به برباد ٿي ويو آهي. مومل جي لاءِ ڪاڪ ۾ سُڄ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. تنهنڪري مومل راڻي کي منٿ ڪندي چوي ٿي ته: اي راڻا! تنهنجي فراق ۽ جدائيءَ ۾ آءٌ ته جيئري ئي مري ويئي آهيان ۽ مٺلن سان هن طرح جو ورتاءُ تو جهڙي شخص کي ڪرڻ نٿو جڳائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 2

نئون نِياپو آئيو، راڻي مُلا راتِ،
لڏِيسون لطيف چئي، ڪَنان ڏاتر ڏاتِ،
ڪهڙي پُڇين ذاتِ؟ جي آيا سي اگھيا

نياپو: پيغام
مُلا: وٺان
لڏيسون: اسان لڏي
ڪنان: ڪان
ڏاتر: سخي، ڏيڻ وارو الله سائين
ڏات: قدرتي صلاحيت
اگھيا: قبول پيا

## بيت جي سمجھاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سِرمومل راڻي“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه سائين چوي ٿو تہ راڻي وٽان رات اسان کي هڪ نئون پيغام مليو آهي. جنهن مان معلوم ٿيو تہ الله تعاليٰ وٽ قبول پوڻ لاءِ، ڪنهن ذات پات جي ضرورت نٿي پوي. هن جي اڳيان سڀ برابر آهن. جيڪو سندس حضور ۾ ويندو، اهو قبول پوندو.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مشق

هنن بيتن ۾ راڻي کي ڏيت علائقي جو رهندڙ سڏيو ويو آهي. جيڪو هڪ معتبر شخص آهي. هو مومل کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي صلاحيتن سان ڪامياب ٿيو ۽ مومل ماڻيائين. پر غلط فهميءَ سبب جڏهن مومل کان رنو تہ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو.

**سوال:**

1. راڻو ڪهڙي علائقي جو رهندڙ هو؟
2. راڻي جي رسڻ کان پوءِ ڪاڪ جي ڪهڙي صورت حال هئي؟
3. الله سائين وٽ قبول پوڻ لاءِ ڪهڙي ڳالهہ جي ضرورت آهي؟

**نوٽ:** ڏنل بيتن مان قافين جا ڪجهہ لفظ لکجن ٿا. بيت پڙهي قافيا ڳولي لکو؟

(1) لڏاڻو (2)............... (3)...............

(4) رات (5)............... (6)...............

(7) عقل (8)...............

**نوٽ:** مومل جي ڪردار تي مختصر نوٽ لکو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 3

سوڍا صبرُ تُنهنجو، بي عَقُلن عَقل،
آهي اَنگ اَمُل، ماٺِ تنهنجي مينڌرا!

| | | | |
|---|---|---|---|
| سوڍا: | نالو راڻي جي ذات | اَملُ: | قيمتي، بي بها |
| صبر: | خاموشي، تحمل | ماٺ: | خاموشي، چُپ |
| بي عقل: | بنا عقل وارا، بيوقوف | مينڌرو: | راڻو، نالو |
| انگ: | ڏانءُ، هنر، حرفت | | |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي ”سرمومل راڻي“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو ته: راڻي سوڍي جو چپ چاپ موٽي وڃڻ ۽ ڪاوڙ ڪرڻ بدران صرف نشاني رکي وڃڻ. سندس صبر ۽ سهپ کي ظاهر ڪري ٿو. راڻي جو اهو صبر ۽ سهپ هڪ بي بها گڻ آهي. جيڪو مومل جهڙي بي عقل کي به عقل ڏئي ٿو. مومل راڻي جي جدائيءَ مان اهو سبق حاصل ڪري ٿي، ته راڻي جو ڪو ڏوهه ڪونهي، پرمومل پاڻ ئي اهڙو سبب پيدا ڪيو جو راڻي کي غلط فهمي ٿي. مطلب ته سوڍي جو صبر ۽ ماٺِ مومل لاءِ عقل ۽ نصيحت پرائڻ جو سبب ثابت ٿئي ٿو.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سهڻي ميهار جو قصو

سُهڻي هڪ ڪنير جي ڌيءَ هئي. ننڍڙي هوندي کان ئي سونهن ۾ سپني کان سرس هئي. جيئن وڏي ٿيندي وئي، تيئن سندس حسن به هيڪاري وڌندو ويو. سندس انهيءَ سونهن جي ڪري کيس 'سهڻي' سڏيندا هئا.

انهيءَ زماني ۾ هڪ واپاري عزت بيگ بخارا مان واپار سانگي اچي سهڻيءَ جي شهر ۾ ترڪيو. هڪ ڏينهن ٿانون وٺڻ جي لاءِ عزت بيگ جڏهن ڪنير جي گهر پهتو ته سهڻيءَ کي ڏسندي ئي اها کيس وڻي وئي، سو وطن ورڻ جو خيال لاهي اتي ئي ترڪي پيو. سهڻيءَ جي پيءُ کان مهانگا ٿانوَ خريد ڪري سستي اگهه تي کپائيندو رهيو اُن ڪري ڪاروبار ۾ کيس چڱو خاصو نقصان ٿيو ۽ ڪنير جو هن تي قرض چڙهي ويو. سهڻيءَ جي پيءُ قرض جي عيوض هن کي پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکيو ۽ هو سهڻيءَ جي پيءُ جون مينهون چارڻ لڳو، ان ڪري مٿس "ميهار" نالو پئجي ويو.

سهڻيءَ ۽ ميهار جي ملڻ جي خبر ماڻهن ۾ چوبول پيدا ڪيو. سهڻيءَ جي پيءُ ماڻهن جي ڳالهين کان بچڻ لاءِ سهڻيءَ جو رشتو زبردستي سندس سوٽ ڏم سان ڪري ڇڏيو. سهڻي ويچاري گهٽو ئي رني رڙي، پر وريس ڪجهه به ڪو نه. هوڏانهن ميهار درياهه جي ٻئي پر فقيراڻو ويس ڪري دونهين دُکائي وڃي ويهي رهيو. پوءِ به سهڻي ۽ ميهار جو هڪٻئي سان ملڻ جلڻ هلندو رهيو.

سهڻي سياري توڙي اونهاري، درياهه تري وڃي ميهار وٽ پهچندي هئي. ميهار سان ملڻ جي شوق ۾ کيس درياهه جي دهشت کان به خوف نه ٿيندو هو. ساهرن کي جڏهن رات جي اونداهين ۾ درياهه پار ڪري، ميهار سان ملڻ جي خبر پئي ته انهن کيس سختيءَ سان منع ڪيو. پر سهڻي نه مڙي. سو هڪ ڏينهن انهن سندس ترڻ واري پڪي گهڙي جي جاءِ تي ڪچوگهڙو رکي ڇڏيو. رات جو سهڻي معمول مطابق ترندي جڏهن وچ سير ۾ پهتي ته ڪچو گهڙو ڀرڻ لڳو. پر هن همت نه هاري. ڪجهه وقت ٻانهن جي ٻل تي ترندي وئي. نيٺ جڏهن بيحال ٿي ٻڏڻ لڳي ته دانهون ڪوڪون ڪيائين ۽ ميهار کي پڪارياڻين.

ميهار جو اڳ ۾ ئي سهڻيءَ جي انتظار ۾ هو. تنهن کي جڏهن سهڻيءَ جا سڏ ڪَن تي پيا ۽ ڏٺائين ته سهڻي ٻڏڻ تي آهي ته ملاحن کي مدد لاءِ ڏاڍيون ميڙون منٿون ڪيائين. پر طوفان سبب ملاحن جواب ڏنس آخر ميهار ٻيو ڪو چارو نه ڏسي پاڻ درياهه ۾ گهڙي پيو ۽ تري وڃي سهڻيءَ کي رسيو. وچ سير ۾ ٻنهي جي ٻانهن جي سگهه ختم ٿي وئي ته ٻئي گڏجي ٻڏي درياهه ۾ هڪ ٿي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت:1

ڪِهڙيا سي چَڙهيا، ائين اٿيئي،
مَئي مَتي مَهراڻَ ۾، پَٽ ٽِپو ڏيئي،
تہ ميهار مليئي، سَنيوڙو سيٽاهَہ سين!

مئي متي: پريل، تارون تار
مهراڻ: سنڌو درياهہ
سنيوڙو: تيار، هڪيو تڪيو
سيٽاهہ: ترڻ لاءِ ٻڪريءَ جي کل جي ٺهيل مشڪ، سهارو
سين: سان

## بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سرسهڻيءَ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ صاحب سهڻيءَ کي نصيحت ڪئي آهي تہ درياهہ ۾ گهڙڻ سان ئي منزل تي رسي سگهنديندءَ، اُن ڪري تارون تار وهندڙ درياهہ ۾ ٽپي پئہ. اُتي تنهنجو ميهار توکي پار اُڪارڻ لاءِ سهاري سان تيار ملندئي. هن بيت ذريعي شاهہ سائين اسان سڀني کي پيغام ڏنو آهي تہ جيستائين اسين ڪنهن ڪم جو سعيو نہ ڪنداسين، تيسين ان ۾ اڳتي پار ڪيئن پونداسين! . هڪ ڀيرو همت ڪري ڪم شروع ڪبو تہ پوءِ ”همت مردان، مدد خدا“ وانگر الله سائين بہ ضرور مدد ڪندو.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 2

جان جان هئي جيئري، وِرچي نہ ويني،
وجي پُونءِ پيني، ساريندي کي سڄڻين!

| | | | |
|---|---|---|---|
| جان جان: | جيستائين | پيني: | پيئي، گهڙي وڃي |
| جيئري: | زندھ | ساريندي: | ياد ڪندي |
| ورچي: | ٿڪجي، بيزار ٿي، ڪڪ ٿي | سڄڻين: | سڄڻ کي، دوست کي |
| پونءِ: | زمين، ڌرتي | | |

## بيت جي سمجهاڻي

هي بيت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ”سر سهڻيءَ“ مان ورتو ويو آهي. هن بيت ۾ شاھ صاحب سهڻيءَ جي حوصلي ۽ سڪ جي ساراھ ڪندي ٻڌائي ٿو تہ هوءَ جيستائين زنده هئي، ڪڪ يا بيزار ٿي ويهي ڪا نہ رهي ۽ ميهار کي ياد ڪندي رهي ۽ ان کي ياد ڪندي نيٺ وڃي زمين جو ترو ورتائين. هن بيت مان اسان کي شاھ صاحب اهو سبق ڏنو آهي تہ جيسيتائين ساھ آهي، ماڻهو پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهي ۽ ڪڏهن بہ ڪڪ ٿي ويهي نہ رهي.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مشق

هنن بيتن ۾ سهڻي ميهار جي قصي جي حوالي سان شاهہ صاحب اسان کي همت، حوصلي، قربانيءَ ۽ بي ڊپائيءَ سان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سهڻا سبق سيکاريا آهن ۽ زندگيءَ ۾ ڪامياب ٿيڻ جا ڏس ڏنا آهن.

**سوال** 1: شاهہ صاحب مقصد ۾ ڪاميابيءَ لاءِ ڪهڙو ڏس ڏنو آهي؟

2. سهڻي ميهار جي قصي مان اسان کي ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟

ڏنل بيتن مان قافين وارا ڪجهہ لفظ لکجن ٿا. بيت پڙهي قافين وارا لفظ لکو.

(1) گهڙيا (2)....................

(3) وينئي (4)....................

(5)ڏيئي (6)....................

**نوٽ:** سنڌو درياهہ تي مختصر نوٽ لکو:

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سسئي پنھونءَ جو قصو

سسئي اصل ۾ هڪ ٻانيڻ جي ڌيءَ هئي، جنهن کي مائٽن ڄمندي ئي ڪاٺ جي صندوق ۾ بند ڪري درياھ ۾ لوڙهي ڇڏيو هو. جيڪا ڀنڀور جي ڀرسان، ڪناري تي شهر جي هڪ بي اولاد 'محمد ڪتيءَ' کي هٿ آئي. جيئن ته هوءَ چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙي سهڻي هئي، ان ڪري مٿس نالو رکيائون "سسئي": جنهن جي معنيٰ آهي چنڊ.

سسئيءَ جي سونهن جي واڪاڻ ڪيچ جي حاڪم آري ڄام جي پٽ پنهونءَ تائين وڃي پهتي. پنهون هڪدم واپاري ويس ڪري هڪ وڏو واپاري قافلو ساڻ ڪري اچي ڀنڀور پهتو جتي هن سسئيءَ کي ڏٺو ۽ سندس سهڻي صورت ايتري وڻي ويس، جو هن سندس مائٽن کان وڃي سڱ گهريو. سسئيءَ جي مائٽن سسئيءَ جو سڱ پنهونءَ سان طئه ڪيو ۽ شادي ڪيائون. پنهونءَ جا ڀائر ۽ ساٿي جيڪي ساڻس قافلي سان گڏجي آيا هئا، تن ڪيچ موٽي وڃي آري ڄام کي پنهونءَ جي سسئيءَ سان شاديءَ بابت ٻڌايو. آري ڄام پنهنجي پٽن کي چيو ته ڪو حيلو وسيلو ڪري پنهونءَ کي واپس وٺي اچو.

جڏهن پنهونءَ جا ڀائر پهتا ته سسئي ۽ پنهونءَ سندن ڏاڍو آدر ڀاءُ ڪيو. ڪين ان ڳالهه جي خبر ئي ڪانه هئي ته پنهونءَ جي ڀائرن جي من ۾ ڇا هو. هڪ رات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھڻيءَ دير تائين پنھون ٻاھر اوطاق ۾ ڪچھريءَ ۾ مشغول رھيو. سسئيءَ ويچاريءَ کي پنھونءَ جي اوسيئڙي ۾ جاڳندي جاڳندي ننڊ اچي ويئي. ھوڏانھن وري ڀائر پنھونءَ کي نشو ڏيئي، آڌي رات ڪانپوءِ بي خبريءَ جي حالت ۾ اُنن تي چاڙھي ڪيچ روانا ٿي ويا.

رات جي پوئين پھر ۾ سسئيءَ جي اک کلي تہ پنھونءَ کي پلنگ تي نہ ڏسي. حيران ۽ پريشان ٿي وئي. ڏنائين تہ اوطاقون ۽ اوتارا سڀ ويران پيا آھن. معلوم ٿيس تہ ڏير ھن کي دوکو ڏيئي. پنھونءَ کي زوريءَ پاڻ سان گڏ وٺي ويا آھن. پوءِ تہ وٺي گھوڙا گھوڙا ڪيائين. مائٽن منٿن جھليس پر ھوءَ اڪيلي اٺن جا پيرا ڪڻندي پنھونءَ پنيان ڪاھيندي وئي. اھڙي طرح منزلون ڪندي ڪيچ ڏانھن رواني ٿي. رستي ۾ ھڪ ڏنار کان پنھونءَ جو ڏس پتو پڇيائين. سسئيءَ جي سھڻي صورت ڏسي اُن ڏنار جي دل مٿس ھِرڪجي پئي ۽ سسئيءَ تي بري نظر وجھڻ لڳو. سسئي پاڻ کي جوکي ۾ سمجھي وٺي زار زار رُني. سسئيءَ جي انھيءَ رڙ زمين کي ڏاري وڌو. چون ٿا تہ زمين ڦاٽي ۽ اڌ تي پئي ۽ سسئي اُن ۾ پورجي ويئي. پر سسئيءَ جي چنيءَ جو پاند ٻاھر رھجي ويو. ڏنار ھيءَ قدرتي ماجرا ڏسي ڏاڍو پڇتايو ۽ رئندي رئندي سسئيءَ جو پلئہ پڪڙي ويھي رھيو.

ھوڏانھن جڏھن پنھون ھوش ۾ آيو تہ ڀائرن کان ڀڄي واپسيءَ جو رستو ورتائين. رستي ۾ ڏنار کي ويٺل ڏنائين تہ اُن کان اتي ويھڻ ۽ تازي قبر بابت ڄاڻ ورتائين. ايتري ۾ نظر وڃي سسئيءَ جي چُنيءَ جي پاند تي پيس. پوءِ روئندي ڏٽيءَ در سوال ڪيائين. مالڪ کي ٻاجھہ پئي. زمين ڦاٽي ۽ پنھون بہ وڃي سسئيءَ سان مليو.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 1

ڪيچان آيو قافلو، طَرح موچاريءَ توڏ،
سينگاريائون سَيد چَئي، ڪَرها مَنجهان ڪوڏ،
لَک لَهي تِي لوڏ، جيجان تن جَتَن جي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪيچان: | ڪيچ علائقي کان، ڪيچ، بلوچستان جي شهر جو نالو | سينگاريائون: | خوبصورت بنايائون |
| | | ڪَرهو: | اٺ |
| قافلو: | اٺن جون قطارون، جن تي ماڻهو سوار هجن | ڪوڏَ: | لاڏ، پيار، هيج |
| | | لوڏ: | انداز نمونو طريقو |
| طرح: | نمونو طرز | جيجان: | جيجل ماءُ |
| موچاري: | ڀلي، چڱي، سٺي | جت: | ذات (اٺن وارا) |
| توڏ: | توڏو (اٺ جو قر)، ننڍو اُٺ | | |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ۾ سسئي پنهونءَ جي داستان بابت چيل 'سر ديسيءَ' مان چونڊيو ويو آهي. شاهه صاحب سسئيءَ جي زباني چوي ٿو ته: ڪيچ مڪران کان پنهونءَ جو قافلو ڀنڀور ۾ پهتو آهي، جنهن ۾ نهايت اعليٰ نسل جي سهڻن اٺن جون قطارون آهن. قافلي جي جتن پنهنجي اٺن کي تمام گهڻي لاڏ ڪوڏ سان سينگاريو ۽ سنواريو آهي. قافلي ۾ شامل ڪيچ جي شهزادي پنهونءَ ۽ سندس ست جي ماڻهن جي لوڏ ۽ هلت چلت به شان واري آهي. مطلب ته سسئي،پنهون ۽ ان سان واڳيل هر شيءِ کي سڀ کان بهتر سمجهي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت: 2

ستينءَ سنجهي ئي، منهن ويڙهي مُئَنِ جِيئَنِ،
اوجاڳو اکين کي، جاتوءِ نہ ڏيئي،
هَٿان تو پيئي، تِي کَچو کيچين کي کَرين!

ڏکي　　هٿان: پاڻ کان، پنهنجي هٿان

ويڙهي:

سنجهي ئي: رات کان اڳ، سنجها جي وقت، جلدي　　کَچو: کوڙو، ڏوهاري، قصور وار

کيچي: کيچ وارا

اوجاڳو: جاڳڻ جو عمل　　جاتوءِ: توجاتو، تو سمجهيو

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ سسئي پنهونءَ واري داستان مان چيل "سر ڪوهياريءَ" مان چونڊيو ويو آهي. شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ سسئي رات جي پهرئين پهر ۾ ئي منهن ويڙهي مئلن وانگر سمهي رهي. هن پنهنجي محبوب لاءِ اکين کي اوجاڳو ڪرڻ سيکاريو ئي نہ هو. اُن نياڳيءَ ننڊ جي ڪري ئي سسئيءَ جا ڏير هن وٽان پنهونءَ کي رات جو چوريءَ کڻي هليا ويا. ڏوهہ سسئيءَ جو هو، جو محبوب مڙس جو اوسيئڙو ۽ انتظار نہ ڪيائين. پر هوءَ وري ڏوهہ پنهونءَ جي مائٽن کي ٿي ڏئي.

مطلب تہ بي وقت ننڊ اهڙي بري عادت آهي، جو انسان کان منزل ۽ مقصد واري گهڙي وڃائي ٿي ڇڏي.



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

## بيت: 3

تتيءَ ٿَڌيءَ ڪاهِه، ڪانهي ويلَ ويهَڻ جي،
مَتان ٿئي اُونداهه، پيرُ نه لَهين پِرينءَ جو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| تتيءَ: | گرميءَ ۾ | اونداهه: | انڌيرو رات |
| ٿڌيءَ: | سردي، ٿڌ ۾ | پير: | نشان، پيرا، قدم |
| ڪاهِه: | هل، ڪاهيندو وڃ | لَهين: | ڳولين، لڀين |
| ويلَ: | وقت | پرين: | محبوب، دوست |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ سسئي پنهونءَ جي داستان بابت چيل "سرحسينيءَ" مان چونڊيو ويو آهي. شاهه سائينءَ فرمايو آهي ته انسان کي گهرجي ته موسم ڪهڙي به هجي، ٿڌي هجي يا ڪوسي، پوءِ به محنت ڪندو رهي ۽ هر حال ۾ پنهنجي مقصد تان هٿ نه ڪڍي. هن بيت ۾ شاهه سائين نصيحت ڪندي چوي ٿو ته سسئي تنهنجي لاءِ ڪو وقت ئي ڪونهي. گرميءَ توڙي سرديءَ ۾ پنهونءَ پنيان ڪاهيندي وڃ، جيستائين ڏينهن آهي، تيسين تون پنهونءَ جو پيرا لهي سگهين ٿي. پر جڏهن اونداهه ٿيندي ته پوءِ پنهونءَ جي پيرن جا نشان ڏسڻ ۾ ڪونه ايندئي. مطلب ته انسان کي هر وقت ڪم ڪرڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. وقت گذرڻ کان پوءِ ڪو به ڪم يا قدم لاڀائتو نٿو ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مشق

**سوال:**

1. ڪيچ مڪران ڪان آيل پنهونءَ جي قافلي ۾ ڪير ڪير شامل هو؟
2. سسئيءَ کي شاهه صاحب ڪهڙي نصيحت ڪئي آهي؟
3. سسئيءَ ڪهڙي غلطي ڪئي، جو پنهونءَ کان جدا ٿيڻو پيس؟

**نوٽ:** ڏنل بيتن مان قافين وارا ڪجهه لفظ لکجن ٿا. توهان ڪجهه وڌيڪ قافين وارا لفظ ڳولي لکو؟

| | | |
|---|---|---|
| (1) توڏ | (2) ................ | (3)................ |
| (4) ڏيئي | (5) ................ | (6)................ |
| (7) ڪاهه | (8) ................ | |

**نوٽ:** سسئيءَ جي ڪردار تي مختصر نوٽ لکو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




ISBN 978-9-6962507-5-3

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book